REG NO. 3833 ABC Certified

روزاني

# سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) ڇنڇر 27 اپريل 2024ع بمطابق 18 شوال المڪرم 1445ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو: 331


# سنڌ ۾ ٽئڪس ۽ بجلي چورن جا نالا اخبارن ۾ شايع ڪرڻ جو فيصلو

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول جي سيڪريٽري سميت ٻين جي شرڪت

اجلاس ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ آفيسرن ۽ مخبرن کي انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس دوران گاڏين جي رجسٽريشن ۽ منتقلي بائيوميٽرڪ تحت ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

شرجيل انعام ميمڻ پاران صوبي ۾ منشيات فروشن خلاف جاري ڪريڪ ڊائون جي ساراهه، ايڪسائيز کاتي بابت سمورن اسٽيڪ هولڊرز جي شڪايتن جي ازالي لاءِ اپائن جو فيصلو ڪيو ويو

ٽيڪس چور ملڪي خوشحالي جا دشمن آهن، ڪين ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو، ٽيڪس چورن جا نالا اخبارن ۾ ڇاپيا ويندا، سندن اڪائونٽ فريز ڪرڻ لاءِ به اپاءَ وٺندا سين: شرجيل ميمڻ

زيرو ٽالرنس پاليسي تحت صوبي ۾ ڪارروايون جاري رکيون وڃن، منشيات فروشن ۽ ٽيڪس چورن خلاف ڪاروائين لاءِ پوليس جا قابل آفيسر ۽ جوان ڊيپوٽيشن تي ايڪسائيز کاتي ۾ آندا ويندا

شروعاتي طور تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پوليس آفيسر ڊيپوٽيشن تي ايڪسائيز کاتي ۾ آندا ويندا. منشيات فروشن جي پراسيڪيوشن ۽ انويسٽيگيشن مضبوط ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ٽيڪس چورن ۽ منشيات فروشن جو گهيرو تنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ٽيڪس چورن جا نالا اخبارن ۾ ڇاپيا ويندا. اهڙو فيصلو سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪيو ويو. اجلاس ۾ ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول جي سيڪريٽري سليم راجپوت، ڊي جي اورنگزيب پنهور، ڊائريڪٽرز / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

# قومي معيشت کي نقصان پهچائيندڙ بدعنوان ۽ ڏوهاري عنصرن جو احتساب ڪيو ويندو: وزيراعظم

تماڪ، پاڻ ۽ سيمنٽ فيڪٽرين ۾ ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم جي معاهدي ۾ فراڊ جي جاچ جي لاءِ ڪميٽي قائم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم جو معاهدو سواءِ فراڊ جي ڪجھ به نه آهي

جيڪي ان جا ذميوار آهن انهن کان 2019ع کان وٺي اڄ تائين جواب ڌهي ٿيندي ۽ ذميواري جو تعين ڪيو ويندو، اربين ڪربين رپين جي جيڪا قومي آمدني اچي سگهي پئي، ان کي ضايع ڪيو ويو آهي

بجلي چوري جي روڪٿام ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون، نجڪاري جو عمل شفاف ترين هوندو، ملڪ جي مفاد ۾ سخت فيصلا ڪرڻا پوندا ۽ ان تي پهرو پڻ ڏيڻو پوندو

ڪجھ ڏينهن اڳ پاڪستان جي معاشي صورتحال بابت هڪ رپورٽ شايع ٿي جنهن موجب ڪيترن ئي شعبن ۾ اسان جا انگ اکر بهتر ٿيا آهن، مارچ ۾ آءِ ٽي جو روانگي واپار بلند ترين سطح تي رهيو آهي

اجا تمام گهڻي محنت جي ضرورت آهي، اسان جي سڌارن ۽ نئين سر تنظيم سازي جي ايجنڊا آهي ۽ ملڪ کي جيڪي مسئلا درپيش آهن انهن جو سرجيڪل آپريشن سان ئي خاتمو ٿيندو

اسمگلنگ پڻ ان سان واڳيل هڪ دردناڪ ڪهاڻي آهي، ايف بي آر اربين ڪربين رپيا ڪمائي ٿو، اهو پئسو خزاني ۾ ضرور ايندو، جيڪڏهن نه آيو ته اسان کي حڪومت ڪرڻ جو ڪو حق نه آهي: ڪابينا اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته قومي معيشت کي نقصان پهچائيندڙ بدعنوان ۽ ڏوهاري غفلت جي مرتڪب عنصرن جو احتساب ڪيو ويندو. تماڪ، پاڻ ۽ سيمنٽ فيڪٽرين ۾ ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم جي معاهدي ۾ فراڊ جي جاچ جي لاءِ ڪميٽي قائم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، ٽريڪ اينڊ ٽريس سسٽم جو معاهدو سواءِ فراڊ جي ڪجھ به نه آهي، معاشي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

# سپريم ڪورٽ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي پڪو ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪابينا انهن ملازمن کي ريگيولر ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي پر انهن کي برطرف ڪيو ويو: وڪيل عمر سومرو

جيڪڏهن قانون ريگيولر ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو ته ٻڌايو، هي پاليسي جو معاملو ناهي، قانون جي پڇڪڙي جو معاملو آهي: عدالت

ٻڌايو ته آئين ۾ ڪٿي لکيل آهي ته ڪابينا قانون کان مٿانهون آهي؟ سنڌ اسيمبلي قانون ناهي ڪين اختيار آهي، پوءِ قانون تحت ريگيولر ڪندا رهو

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري جناح ميڊيڪل يونيورسٽي جي 600 ڪانٽريڪٽ ملازمن کي پڪو ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. وڪيل عمر سومرو چيو ته ڪابينا انهن ملازمن کي ريگيولر ڪرڻ جي منظوري ڏني / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

# منفي پروپئگنڊا ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪرڻ کان نٿي روڪي سگهي: آرمي چيف

اڄوڪي دور ۾ معاشي استحڪام ڪانسواءِ مڪمل خودمختياريءَ جو تصور ممڪن نه آهي

ترقيءَ جي سفر ۾ خلل وجهڻ ۽ ڌيان هٽائڻ وارن جون سمورين ڪوششون ناڪام ٿينديون، اسان سڀ گڏيل طور ٽيم پاڪستان آهيون

ناڪاري پروپئگنڊا ۽ ٽرولز ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪرڻ کان نٿا روڪي سگهن، اڄ ته سڀ گڏجي ناڪاري قوتن کي رد ڪريون

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته ترقيءَ جي سفر ۾ رنڊڪون وجهڻ وارن جون / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پنجاب حڪومت طرفان ايمرجنسي ۽ ڏورانهن علائقن ۾ حادثن جي صورت ۾ ائير ايمبولينس سروس استعمال ڪرڻ جو فيصلو

لاهور (م د) پنجاب حڪومت صوبي ۾ ايمرجنسي ۽ ڏورانهن علائقن ۾ حادثن جي صورت ۾ ايئر / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# پاڪستان خطي ۾ اسان جي اهم ترين اتحادين مان هڪ آهي: آمريڪا

پاڪستان ۽ آمريڪا جو مضبوط رشتو آهي، هوان کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جا خواهشمند آهن

سک اڳواڻ تي حملي جو معاملو آمريڪي انصاف وارو ڪاتو ڏسي رهيو آهي، ان تي تبصرو نٿو ڪري سگهجي

ڊرونز ڪمپنين تي پابندي سان پاڪستان سان لاڳاپن تي فرق نه پيو، پاڪستان سان سهڪار جاري رهندو

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي نائب ترجمان ويدانت پٽيل چيو آهي ته پاڪستان خطي ۾ اسان جي اهم ترين اتحادين مان هڪ آهي. واشنگٽن ڊي سي ۾ پريس بريفنگ دوران ويدانت پٽيل چيو ته پاڪستان سان سيڪيورٽي ۽ واپار جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن جاري ڪري ڇڏي، نواز ليگ سڀ کان وڏي جماعت قرار

ن ليگ جي ميمبرن جو انگ 120 ٿي ويو آهي ۽ سني اتحاد ڪائونسل جا 82 ايم اين ايز آهن: اليڪشن ڪميشن

پ پ جون 71، ايم ڪيو ايم جون 21، جي يو آءِ 11، مسلم ليگ جون 5 ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جو چار سيٽون آهن

ايم ڊبليو ايم، ضياءِ ليگ، بلوچستان عوامي پارٽي، بي اي پي، نيشنل عوامي پارٽي ۽ پختونخوا ملي عوامي پارٽي جي هڪ هڪ سيٽ آهي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن طرفان قومي اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن جي فهرست جاري ڪئي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

آمريڪا پولينڊ ۽ هالينڊ کي جديد اينٽي ريڊي ايشن ڪروز ميزائيل وڪرو ڪندو، بل منظور

واشنگٽن (م د) آمريڪا پولينڊ ۽ هالينڊ کي جديد اينٽي ريڊي ايشن ڪروز ميزائيل وڪرو ڪرڻ جي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سهولت سينٽر جو دورو ڪندي

# سموري ملڪ ۾ هڪ مهيني دوران 92 ڪروڙ 69 لک يونٽس جي اوور بلنگ جو انڪشاف

هڪ مهيني دوران 256 ڪنيڪشنز ۾ اوور بلنگ جو انڪشاف ٿيو، ملوث عنصرن خلاف 23 انڪوائريون ۽ 5 ڪيس داخل ڪيا ويا: ايف آءِ اي

گهرن، سرڪاري آفيسن ۾ اوور بلنگ جي مد ۾ اربين رپيا بجلي بلن ۾ وصول ڪيا ويا، عوام کي نقصان برداشت ڪرڻو پيو

اسلام آباد (م د) سموري ملڪ ۾ هڪ مهيني دوران 92 ڪروڙ 69 لک يونٽس جي اوور بلنگ جو انڪشاف ٿيو آهي. وفاقي جاچ ايجنسي (ايف آءِ اي) موجب، بجلي جي اوور بلنگ ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي، ترجمان موجب / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

# ڌاڙيلن لاءِ سهولتڪاري جو الزام، 78 پوليس اهلڪارن جي شڪارپور کان ڪراچي بدلي

آپريشن دوران معلومات ليڪ ٿيڻ تي شڪارپور ۾ مقرر اهلڪارن جي ڳجهي انڪوائري شروع ڪئي وئي هئي

ڌاڙيلن سان رابطي ۽ سهولتڪاري ۾ ڇاٽايل پوليس اهلڪارن کي سزا ڏيڻ يا سروس ختم ڪرڻ بدران ڪين ڪراچي بدلي ڪيو ويو

ڪراچي (م د) ڪچي جي ڌاڙيلن لاءِ سهولتڪاري جي الزام هيٺ 78 پوليس اهلڪارن جي شڪارپور کان ڪراچي بدلي ڪئي وئي آهي. پوليس ذريعن موجب، ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران معلومات ليڪ ٿيڻ تي شڪارپور ۾ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

آمريڪي پرڏيهي کاتي ۾ عربي ٻولي جي ترجمان غزه ۾ جنگ بابت آمريڪي حڪومت جي پاليسي خلاف احتجاج ڪندي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي ۾ عربي ٻولي جي ترجمان غزه ۾ جنگ بابت آمريڪي حڪومت جي پاليسي خلاف احتجاج ڪندي پنهنجي عهدي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

اسلام آباد: ايم اين اي نفيسا شاهه قومي اسيمبليءَ ۾ ڳالهائي رهي آهي

# همايون ويجهو هٿياربندن جي حملي ۾ 2 عورتون ۽ هڪ مرد قتل ٿي ويا

عبدالرحمان معرفاڻي ڌر جي هٿياربندن ڳوٺ ذوالفقار پيو تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي: پوليس

معرفاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جاري خوني تڪرار هيل تائين 10 حياتيون ڳڙڪائي چڪو آهي

اڳوڻي صوبائي وزير امتياز شيخ جي پٽ فراز شيخ معرفاڻي ڌر جي هٿياربندن هٿان اسان جا ماڻهو مارايا آهن: وارث

همايون شريف (رپورٽر) همايون ويجهو پيا معرفاڻي تڪرار تان هٿياربندن جي حملي ۾ زال مڙس سميت 3 ڄڻا مارجي ويا. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل. پوليس موجب عبدالرحمان معرفاڻي ڌر جي هٿياربندن ڳوٺ ذوالفقار پيو تي چڙهائي ڪري / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

وزيراعظم سعودي عرب ۾ 28 کان 29 اپريل تي ٿيندڙ عالمي اقتصادي فورم جي خصوصي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب ۾ عالمي اقتصادي فورم جي خصوصي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو جيڪو 28 کان 29 اپريل تي رياض ۾ "عالمي تعاون، واڌ ويجهه ۽ ترقي بابت توانائي" جي موضوع تي منعقد ٿي رهيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪندي

# پاڪ ـ ايران لاڳاپا مضبوط آهن، پنهنجي ضرورتن لاءِ آمريڪا سان به رابطي ۾ آهيون: پاڪستان

پرزا ٺاهيندڙ ڪمپنين تي آمريڪي پابندين جي معاملي تي پاڪستان آمريڪا کي ڳڻتي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

پاڪ، چين اقتصادي راهداري تي ڪم جاري آهي، پاڪستان ۽ ايران جو ڪشمير ۽ غزا تي ساڳيو موقف آهي

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ ٻطرفا لاڳاپا مضبوط آهن، پاڪستان ۽ ايران جي سربراهن جي ملاقات ۾ علائقائي معاملا بحث هيٺ آيا

اسلام آباد (م د) بيلسٽڪ ميزائل جا پرزا ٺاهيندڙ ڪمپنين تي آمريڪي پابندين جي معاملي تي پاڪستان آمريڪا کي ڳڻتي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ هفتيوار پريس بريفنگ دوران پرڏيهي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# ن ليگ اجلاس، نواز شريف کي ٻيهر پارٽي صدارت سنڀالڻ جي درخواست

نواز شريف ٻيهر پارٽي جي قيادت ڪندو، هو عدالتن مان سرخرو ٿيو آهي: رانا ثناءُ الله

پارٽي پنهنجي وفاق ۽ پنجاب حڪومت سان ڀرپور انداز ۾ بيٺي آهي، پنهنجين خامين ۽ ڪوتاهين تي ضابطو آڻينداسين

اتحادي حڪومت ن ليگ جي منشور جي پابند نه آهي، جنهن حڪومت ۾ مهانگائي وڌندي اها ئي ذميوار هوندي

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ ن پنجاب اڳوڻي وزيراعظم ۽ پارٽي قائد نواز شريف کي ٻيهر پارٽي جي صدارت سنڀالڻ جي درخواست ڪري ڇڏي. ن ليگ پنجاب جي صدر رانا ثناءُ الله اجلاس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نواز شريف کي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

# ملڪ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين خلاف آپريشن تيز ڪرڻ جو حڪم

جن غيرقانوني پرڏيهين وٽ ڪارڊ موجود آهن، تن لاءِ ٽن مهينن جي واڌ ڪئي وئي آهي: محسن نقوي

خواهش آهي ته سڪ ياترين لاءِ آن ارائيول ويزا سسٽم هجي، ايف آءِ اي، اميگريشن پاسپورٽ ۽ پوليس کي ري وئمپ ڪيو ويندو

اسلام آباد (م د) وفاقي گهرو وزير طرفان اڄ جي اسلام آباد کي ملڪ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين خلاف آپريشن تيز ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اسلام آباد ۾ صحافين سان ملاقات ڪانهن، غير رسمي ڳالهه ٻول دوران وفاقي گهرو وزير محسن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

# فوجي ڪمانڊر جي شهيد ڪسٽم اهلڪارن جي وارثن سان ملاقات

غيرقانوني سرگرمين خلاف جنگ ۾ شهيدن جي بي مثال قربانين جو اعتراف ڪيو ويو

اسان جي آزادي بهادر جوانن جي لازوال قربانين جو مقدر آهي: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (ويب ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي هدايت تي پاڪ فوج جي سينيئر ڪمانڊرز ڊيرا اسماعيل خان ۾ شهيد ٿيل ڪسٽم اهلڪارن جي وارثن سان ملاقات ڪئي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

# مريم تي پوليس يونيفارم پائڻ تي ڪيس ٿيڻ گهرجي: بئريسٽر سيف

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو يونيفارم پائڻ قانون جي خلاف ورزي آهي

محترمه کي ڪجھ عملي قدم کڻڻ گهرجن: صحافين سان ڳالهيون

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي اطلاعات واري صلاحڪار بئريسٽر محمد علي سيف جو چوڻ آهي ته مريم نواز خلاف پوليس يونيفارم پائڻ تي ايف آءِ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# مريم پوليس وردي پائي ڏچي ۾ پئجي وئي، ڪيس داخل

لاهور جي سيشن ڪورٽ درخواست جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو

عدالت درخواست گذار کان فرنٽ ڊيسڪ جي رپورٽ طلب ڪري ورتي

لاهور (م د) لاهور جي سيشن ڪورٽ پوليس يونيفارم پهرڻ تي وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست جو لکت ۾ حڪم نامو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پوليس ڌوهن جي خاتمي ۽ عوام کي تحفظ لاءِ پرعزم ۽ هر وقت تيار آهي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته پوليس ڌوهن جي خاتمي ۽ عوام کي تحفظ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

# جام اڪرام ڌاريجو جي ڪاميابي خلاف درخواست، ڌرين کي نوٽيس جاري

اليڪشن ٽربيونل سکر جي يو آءِ اميدوار مبين خان بلو جي درخواست جي ٻڌڻي ڪئي

پي ايس 22 پنوعاقل جي فارم 45 تحت جي يو آءِ اميدوار مبين خان بلو ڪامياب ٿيو: وڪيل

سکر (م د) سکر جي اليڪشن ٽربيونل پي ايس 22 پنوعاقل تي جام اڪرام ڌاريجو جي ڪاميابي خلاف درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان بوهرا ڪميونٽي جو وفد ملاقات ڪندي

# اولهه هوائن جو نئون سسٽم ملڪ ۾ داخل، بلوچستان برسات، ڪيئي گهر ڌهي پٽ

چاغي، ڪوهلو ۽ خاران سميت بلوچستان جي اڪثر علائقن ۾ تيز برسات سبب هڪ ڀيرو ٻيهر شهري ڏڪيائين جو شڪار

پاڪ ايران سرحدي شهر تفتان ۾ به گذريل رات دير سان طوفاني برسات کانپوءِ ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي

پاڻي وهڪرن سبب شهر جا ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا ۽ برسات جو پاڻي گهرن ۽ دڪانن ۾ داخل ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) اولهه هوائن جو سسٽم پاڪستان ۾ داخل ٿي ويو آهي، چاغي، ڪوهلو ۽ خاران سميت بلوچستان جي اڪثر علائقن ۾ تيز برسات هڪ ڀيرو ٻيهر شهرين لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪري ڇڏيون آهن بلوچستان جي سرحدي علائقي موسا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

# گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جو نوجوانن کي ڪاروبار لاءِ وسيلا فراهم ڪرڻ جو اعلان

گورنر انيشيئيٽيو روزگار اسڪيم ۾ نوجوان ڪاروبار لاءِ ڇاٽايل رٿا گورنر هائوس ۾ جمع ڪرائين

منصوبي جي منظوري کانپوءِ ڪاروبار لاءِ وسيلا فراهم ڪنداسين، نوجوانن کي نوڪري ڪرڻ وارو نه ڏيڻ وارو بڻائڻ چاهيون ٿا: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري نوجوانن کي ڪاروبار لاءِ وسيلا فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ گورنر سنڌ چيو ته گورنر انيشيئيٽيو روزگار اسڪيم ۾ نوجوان ڪاروبار لاءِ ڇاٽايل رٿا گورنر هائوس ۾ جمع ڪرائين. / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

# چيني صدر شي پنگ ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جي ملاقات

ٻنهي ملڪن جي ٽيمن وچ ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه وڏي اڳڀرائي آهي: شي جن پنگ

ٻنهي ملڪن کي اختلاف ختم ڪري گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

بيجنگ (م د) چيني صدر شي پنگ ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن سان ملاقات ڪئي. پرڏيهي خبررساں اداري موجب چين جي صدر شي پنگ ۽ آمريڪي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

# واٽس ايپ ڀارت ۾ سروس بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

دنيا ۾ ڪٿي به اهڙو قانون ناهي، ايتري قدر برازيل ۾ به ناهي: ڪمپني جو وڪيل

نئين دهلي (م د) مشهور ميسجنگ ايپليڪيشن پليٽ فارم واٽس ايپ ميسيجز ۽ ڪالز جي انڪرپشن جي حوالي سان ڀارت ۾ سروس بند ڪرڻ جي ڌمڪي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

# آمريڪي اليڪشن مداخلت ڪيس، ٽرمپ لاءِ ڏکيائيون وڌي ويون

سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي تقريبن ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهي

سپريم ڪورٽ ڪيس ماتحت عدالت ۾ اماڻيو ته ڊونلڊ ٽرمپ کي فائدو ٿيندو

واشنگٽن (م د) آمريڪي اليڪشن مداخلت ڪيس جي ڪارروائي نومبر کانپوءِ ٿيڻ جو امڪان آهي. سپريم ڪورٽ ۾ اليڪشن مداخلت ڪيس / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گذريل هفتي دوران مسجد نبوي ۾ ايندڙ پانڌيئڙن جو انگ 59 لک 60 هزار 724 رڪارڊ ڪيو ويو

مدينه منوره (م د) مسجد نبوي جي انتظاميه چيو آهي ته گذريل هفتي دوران مسجد نبوي ۾ ايندڙ پانڌيئڙن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# اليڪشن ڪميشن ننڍي چونڊ ۾ ڪامياب اميدوارن جا نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيا

ڊي آءِ خان مان فيصل امين خان، لاهور مان پرويز ملڪ جڏهن ته قصور مان رشيد احمد خان کي ڪامياب قرار ڏنو ويو

پي پي 36 وزيرآباد مان ن ليگ جو عدنان افضل چنا، پي پي 54 نارووال مان ن ليگ جو احمد اقبال جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري

پي پي 266 رحيم يار خان مان پ پ جو ممتاز علي ۽ پي پي 91 ڪوهاٽ جي سيٽ تي سني اتحاد ڪائونسل جو دائود شاهه سوڀارو رهيو

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن ننڍي چونڊ ۾ ڪامياب اميدوارن جا نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيا. نوٽيفڪيشن موجب، موجب اين اي 44 ڊي آءِ خان مان فيصل امين خان، اين اي 119 لاهور مان ن ليگ جو پرويز ملڪ جڏهن ته اين اين / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# تحريڪ انصاف کي ڪراچي ۾ جلسو ڪرڻ جي اجازت نه ملي سگهي

توهان جلسو ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي؟ چيف جسٽس جو ايڊيشنل اي جي کان سوال

دهشتگرديءَ جو خطرو آهي، ايس ايس پي ايسٽ جي رپورٽ به سامهون آئي آهي: ايڊيشنل اي جي

تحريڪ انصاف کي ڪراچي جي جناح گرائونڊ ۾ 28 اپريل تي جلسو ڪرڻ جي اجازت نه ملي سگهي، سنڌ هاءِ ڪورٽ جلسي جي اجازت نه ملڻ خلاف پي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

وفاقي وزير خواجا آصف شنگهائي ڪوآپريشن جي دفاعي وزيرن سان گڏ بيٺل آهي

# ڪنڊڪوٽ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ اڇا جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي وئي

هر طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو وڏو انگ ريلي ۾ شريڪ ٿيو

امن ڪرايو، ڌاڙيل راڄ جو خاتمو ڪريو ۽ ٻيا نعرا هنيا ويا

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ ۾ امن امان جي بحالي لاءِ اڇا جهنڊا کڻي ريلي ڪڍي وئي، وڏي انگ ۾ شهري شريڪ. امن بحالي تحريڪ پاران ڊي سي آفيس / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# منهنجو يا منهنجي پٽ جو قتل واقعي سان ڪو به تعلق ناهي: امتياز شيخ

سيني کي خبر آهي ته واقعو پيا ۽ معرفاڻي برادري جي تڪرار تان پيش آيو

واقعي جا وڌيڪ تفصيل معلوم ڪري جامع موقف پيش ڪنداسين

پيپلزپارٽي جي ايم پي اي امتياز شيخ همايون ويجهو مارجي ويل 3 ڄڻن جي وارثن پاران لڳايل الزامن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# سنڌ سرڪار جيلن ۾ سولر سسٽم لڳائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

جيلن ۾ سولر پينل لڳايا ويندا، قيدي بيرڪن ۾ پڪا سولر پينل تي منتقل ڪيا ويندا: علي حسن زرداري

200 ڪلوواٽ کان 600 ڪلوواٽ جا سولر سسٽم لڳايا ويندا، ڪراچي سينٽرل، وومين ۽ لانڍي جيل ۾ ڪم شروع آهي

لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ وومين جيل به سولر تي منتقل ڪيون وينديون، جنهن لاءِ ٽينڊر جاري ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير علي حسن زرداري اعلان ڪيو آهي ته سنڌ جي جيلن ۾ سولر پينل لڳايا ويندا، قيدي بيرڪن ۾ پڪا سولر پينل تي منتقل ڪيا ويندا. جيلن واري صوبائي وزير چيو ته 200 ڪلوواٽ کان 600 ڪلوواٽ جا سولر سسٽم / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: صوبائي وزير علي حسن زرداري ڊي آءِ جي آفيس ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊونلڊ ٽرمپ جي اسرائيلي فوج خلاف غزه ۾ جاري فلسطينين جي نسل ڪشي خلاف احتجاج ڪندڙ آمريڪي شاگردن تي تنقيد

واشنگٽن (م د) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيلي فوج خلاف غزه ۾ جاري فلسطينين جي نسل ڪشي خلاف احتجاج ڪندڙ آمريڪي شاگردن تي تنقيد ڪئي آهي. ميڊيا رپورٽن / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

# گهريلو يا ڪمرشل سولر پينل لڳائڻ وارن تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جي تجويز

سولر پينل لڳائڻ وارن کان في ڪلوواٽ ۾ هزار رپيا ٽئڪس اوڳاڙڻ جي تجويز ڏني وئي

12 ڪلوواٽ جو سولر پينل لڳائڻ وارن واهپيدارن کان 24 هزار رپيا وصول ڪيا ويندا

اسلام آباد (م د) سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) گهريلو يا ڪمرشل سولر پينل لڳائڻ وارن تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي، توانائي وزارت جي ذريعن موجب، سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي طرفان سمري بجلي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پنجاب جي گهرو کاتي پاران بلٽ پروف گاڏيون نه وٺڻ وارا پروجيڪٽ بند ڪرڻ جو حڪم

لاهور (م د) پنجاب جي گهرو کاتي چيني شهرين جي سيڪيورٽي لاءِ ٻن ڏينهن تائين بلٽ پروف گاڏيون نه وٺڻ وارا پروجيڪٽ بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، پنجاب جي گهرو کاتي سي پيڪ کانسواءِ ٻين رٿائن تي ڪم ڪندڙ چيني / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

# سکر پريس ڪلب ۾ عورتن جي حقن جي حوالي سان پروگرام منعقد

هن ڪائنات جي مضبوط ترين مخلوق عورت آهي اسان کي معاشري جي نظريات کي تبديل ڪرڻو پوندو: شازيہ عباسي

مردن جي معاشري ۾ عورتن کي پنهنجي حقن جي لاءِ آواز بلند ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو. هر ڳوٺ ۾ اهڙيون آگاهي تنظيمون نهڻ گهرجن

هن وقت اسان کي قانوني جنگ وڙهڻي آهي جيڪا عورت زمين ۾ ڪم ڪري ٿي ان کي رجسٽرڊ ڪري ورڪر ڊڪليئر ڪري

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پريس ڪلب ۾ ناري فائونڊيشن سنڌ، آواز فائونڊيشن پاڪستان، هيومن رائٽس ڪميشن گورنمينٽ آف سنڌ جي گڏيل سهڪار سان عورتن جي حقن جي حوالي سان ڪيل پروگرام ۾ مقررين ۾ ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: عورتن جي حقن جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

## گهوڙاٻاريءَ پرسان سوزوڪي ڪلٽي، هڪ معصوم نياڻي فوت، 29 زخمي

تيز رفتار سوزوڪي ٽائر برسٽ ٿيڻ ڪري ڪلٽي ٿي پئي، معصوم نياڻي شير بانو فوت ٿي وئي

29 کان وڌيڪ عورتون، مرد ۽ معصوم ٻارڙا سخت زخمي ٿي پيا، کين فوري طور اسپتال آندو ويو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گهوڙاٻاڙي شهر لڳ تيز رفتار سوزوڪي پڪ اپ ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ 9 ورهين جي ٻارڙي شير بانو هوڙائي موقعي تي ئي فوت ٿي وئي، جڏهن تہ عورتن ۽ مردن سميت 29 ڄڻا سخت زخمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

## صالح پٽ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان مليريا جي بخار سبب صالح پٽ اسپتال مريضن سان ڀرجي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) صالح پٽ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن مان مليريا جي بخار سبب صالح پٽ اسپتال مريضن سان ڀرجي وئي ڊاڪٽر امجد ڪلوڙ بدلي ٿي ويو پي پي ايڇ آئي توڙي ضلعي سکر طرفان ڪوبہ ڊاڪٽر مقرر نہ ٿي سگهيو مريضن کي عام عملو تپاسڻ لڳو بخار لاهڻ وارين دوائن ڪيترن ڏينهن کان ختم ٿي ويون خدا جي خلق پريشان اسپتال اندر مليريا بخار سبب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

## بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

هن ريلي جو مقصد عوام ۾ پوليو جهڙي موذي مرض بابت آگاهي ڏيڻ آهي، 29 اپريل کان پوليو مهم جو آغاز ٿي رهيو آهي: ڊي سي

پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪندي پنهنجي معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين

اچو تہ اسان سڀ ملي ڪري پوليو خلاف جنگ ۾ پنهنجو پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريون تہ جيئن هن موذي مرض مان جان ڇڏائي سگهون

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو سول اسپتال بدين ۾ ٻارڙي کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي مهم جي افتتاح ڪانهوءِ پوليو بابت عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: ڊي سي عبدالفتاح هليو ٻارڙي کي پوليو جا ڦڙا پياري رهيو آهي

### سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي محنت رنگ لاتو

نوشهروفيروز (رپورٽر) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي محنت رنگ لاتو ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ آئي سي يو مڪمل بحال ڪرڻ لاءِ ٽينڊر جاري ڪري ڇڏيو ان موقعي تي سول سوسائٽي جي اڳواڻن ايڊوڪيٽ امر امتياز خادم سيال ايم ظفر تگر علي اصغر چندمنير ميمڻ اعجاز ممنائي منظور ملڪ ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

## دادو ۾ آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ دادو جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب

صدر محمد امين جمالي، نائب صدر وزير يونس روڻائي، سينيئر نائب صدر جاويد احمد قريشي، جوائنٽ سيڪريٽري محمد يامين لغاري ۽ ٻين جي شرڪت

واپاري برادري جا مسئلا هن فورم تان حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهيون اسان دادو ضلعي جي واپارين جي خاطري ٿا ڪرايون تہ سندن جيڪي بہ مسئلا آهن: اڳواڻ

واپاري تنظيم پاران پنهنجي مرڪزي صدر ۽ ٻين مهمانن کي سنڌ جون سوکڙيون پيش ڪيون ويون آيل مهمانن جي آجيان ڪئي وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ دادو جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب دادو جي علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري جي ڪميونٽي هال ۾ ٿي گذري. ان موقعي تي آل پاڪستان انجمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

## بدين واسي مڇي جو شڪار ڪندڙ 22 ماهيگر گذريل 4 سالن کان ڀارتي جيلن ۾ قيد

ماهيگرن جي گهرن ۾ ماتم مٽل، پاڪستان حڪومت سميت، انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل

ڀهبود لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن سار نہ لڌي، بہ پيرا ايم پي اي رهندڙ تاج محمد ملاح ڪڏهن لڙي بہ نہ آيو

چاهي غريب سنڌ جون نياڻيون توهان جون نياڻيون نہ آهن ڪجهہ خدا جو خوف ڪيو انهن خاندانن جي سار لهو: اڳواڻ

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلع جي ساموندي پٽيءَ ۾ زيرو پوائنٽ تي ٽائر سمنڊ ۾ مڇي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين: ڀارتي جيلن ۾ قيد پاڪستاني مهاڻن جا وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

### صحت کاتي جي ٽيمن سان سهڪار ڪيو وڃي: ڊاڪٽر ظهيرالدين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ نيشنل پريس ڪلب بدين ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

## سکر: اسلاميا آرٽس ڪامرس ڪاليج جي عهديدارن جو اجلاس

بغير ڪنهن اطلاع جي بلڊر ٻيهر اعتراض واري جڳهہ تي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو آهي: اڳواڻ

ان وٽ جيڪي ڪوڙا ڪاغذ آهن انهن ۾ بہ 30 فوٽ ايراضي شامل ڪونہ آهي

ڪمشنر سکر، ڊي سي ۽ ٻين وسوارن کي گهرجي تہ فوري طور تي اهو ڪم بند ڪرايو وڃو

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچرار ايسوسيئيشن يونٽ گورنمينٽ اسلاميا آرٽس ڪامرس ڪاليج سکر جي عهديدارن جو اجلاس اڄ ڪاليج ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪاليج جي اڳيان بلڊر پاران ڪاليج جي پلاٽ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

## منشيات جو استعمال هڪ لعنت آهي: ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ

اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرز، برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن جو علي شير ڏاهري، مختلف کاتن جا آفيسر ۽ سينيئر صحافي اسلم ميمڻ پڻ موجود هئا

ماڻهو حجام کان شيو ڪرائڻ ۽ علاج دوران نئين بليڊ ۽ نئين سرنج جو استعمال ڪن جو تہ ايڇ آءِ وي وائرس کهڙو ڪري انهن شين ذريعي پکڙجي ٿو

ايڇ آءِ وي وائرس جي روڪٿام لاءِ قدم کڻي رهي آهي، ان کان علاوه سول اسپتالن ۾ ايڇ آءِ وي ٽيسٽنگ ۽ ڪائونسلنگ جون خدمتون پڻ فراهم ڪيون پيون وڃن

سانگهڙ (رپورٽر: منٺار علي رند) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ ڊاڪٽر عمران الحسن خواجا چيو آهي تہ منشيات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سانگهڙ: ڊي سي ڊاڪٽر عمران الحسن خواجہ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

### ٺٽي ۾ پي ٽي آئي جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (د ر) ٺٽي ۾ پي ٽي آئي جي ڪارڪنن پاران ضلعي صدر سيد امجد شاهہ، هوش محمد عباسي، ايڊوڪيٽ سيد ظهير شاهہ، مراد ساٿي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

## دادو جي هڪ سرڪاري اسڪول مان مبينا چوري ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسڪول جي هيڊماستر غلام سرور لنڊ سميت استادن شان جمالي، احمد علي ٻبر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

هر ڏينهن دادو جي اسڪولن ۽ درسگاهن مان چوريون ٿين پيو پر پوليس ڪو بہ تدارڪ نہ پئي ڪري: مظاهرين

غريب آباد هاءِ اسڪول ۾ 2 شفٽون هلندڙ آهن جنهن ۾ شاگرد ۽ شاگرديائيون جو تعداد 2 هزار کان وڌيڪ آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو جي هڪ سرڪاري اسڪول مان مبينا چوري ٿيڻ خلاف اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرٿو هنيو ويو مظاهرين جو چوڻ آهي تہ چور اسڪول جا 10 پنکا، 2 پائي جا بجلي موٽر ۽ ٻيو سامان چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

## نصابي تعليم سان گڏوگڏ ٽيڪنيڪل تعليم ۽ سکيا پڻ ضروري آهي: ڊي سي ٽنڊو محمد خان

ڊپٽي ڪمشنر جي دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج جي پرنسپال الله ڏنو مهر کان ڪاليج جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ورتي

اسان جا نوجوان بهتر طريقي سان ڪارآمد شهري بڻجي نہ صرف پنهنجي زندگي بهتر بڻائي سگهن ٿا پر ملڪ ۽ قوم جي خدمت پڻ ڪري سگهن ٿا

جديد دور جي تعليمي تقاضائن موجب هنر کي وڏي اهميت حاصل آهي ان ڪري اسان کي گهرجي تہ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن تي وڌيڪ ڌيان ڏيون

ٽنڊو محمد خان (د ر مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون ٻاواڻي پاران گذريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان: ڊي سي ڏرمون ٻاواڻي ٽيڪنيڪل ڪاليج جو دورو ڪري رهيو آهي

### نوشهروفيروز ۾ مختلف بيمارين کان بچائڻ جي سلسلي ۾ ريلي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ هيلٿ کاتي پاران ٻارڙن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ جي لاءِ هلندڙ ڪيمپين جي سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

## اوباوڙو پوليس هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري ورتو

زخمي کي طبي امداد لاءِ سول اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيو ويو

جوابدار مٿان پوليس مقابلي ۽ 13 ڊي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو ڳوٺ واڳڻي ميرپور جو رهواسي اصغر علي ولد اسماعيل شيخ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

## نوشهروفيروز جسقم پاران معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ احتجاج

ضلعي اڳواڻ امتياز ڪوسو، جسقم سٽي نوشهروفيروز صدر فريد لاشاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ضلعي نوشهروفيروز ۾ مرحليوار جدوجهد ڪئي ويندي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز جسقم پاران معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابيءَ لاءِ پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

## سلطانپور ۾ عورت اسسٽنٽ ڪمشنر پاران پيٽرول پمپن تي ڇاپا

پيٽرول پمپن جي چيڪنگ دوران هر هڪ پيٽرول جو ماپو گهٽ نڪتو

عوام کي درپيش مسئلن بابت مليل شڪايت تي ڪنهن سان بہ رعايت نہ ڪئي ويندي: اي سي

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور ۾ عورت اسسٽنٽ ڪمشنر پاران عوامي شڪايت بعد پيٽرول پمپ تي ڇاپا سلطانپور پيٽرول پمپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سلطانپور: اي سي ردا ظهرا ڏاڍير پيٽرول پمپ تي ماپو چيڪ ڪري رهي آهي

## ڪنڊڪوٽ ۾ امن ڪيپ جي ناليءَ تي ريلي

ضلعي ۾ وڌندڙ قرلت ۽ اغواجي واقعن خلاف شهرين پاران ريلي ڪڍي وئي

فوجي آپريشن ڪري ڏاڙيل راڄ کي هميشہ لاءِ ختم ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر امداد ٻنگوار) ڪنڊڪوٽ سچي ضلعي اندر ڏاڙيل ڪلچر جي خاتمي ۽ امن امان جي بحالي لاءِ شهرين پاران احتجاجي ريلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

## ٺٽي ۾ 7 ڏينهن جي پوليو مهم جو آغاز

جاڳرتا ريلي ۾ ڊي سي ٺٽو منور عباس سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

پنهنجي ٻارڙن جو خيال رکن ۽ پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪيو وڃي: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پوليو جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ سٽن ڏينهن تي ٻڌل عالمي پوليو مهم جي حوالي سان ٺٽي ۾ پڻ صحت کاتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

## ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سرڪل خيرپور جي ڪارروائي

عرفان علي ميتلو کي گرفتار، 5 عدد شراب جون بوتلون هٿ ڪرڻ بعد جوابدار خلاف ڪيس داخل

جيستائين منشيات جو خاتمو نٿا آڻي ڇڏيون تيستائين ڪارروائيون جاري رهنديون: عملدار

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سرڪل خيرپور جي ڪارروائي، هڪ جوابدار گرفتار، شراب هٿ، ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

## رياض چانڊيو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: ضمير حاجاڻو

شمن پتافي، گل حسن سولنگي، ارشاد ڪوسو، دلشاد بليدي کي نامزد ڪيو ويو آهي

مون ۽ منهنجي پارٽي چيئرمين رياض چانڊيو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو

ملير (د ـ ر) گلشن حديد پرسان ٽينٽ سٽي تي پوليس چڙهائي معاملو، جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو، ڪراچي ڊويزن جي صدر ضمير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

## ناروشاهہ جي رهواسڻ ٻن ٻارن جي ماءُ پيار پرڻو ڪري ڇڏيو

اڳوڻي مڙس نبي بخش ڪلهوڙو زباني 8 مهينا اڳ خلاڻي هئي: نسيم ڪلهوڙو

پرڻي بعد مائٽن مان جان کي خطرو آهي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

شهدادپور (رپورٽر) ناروشاهہ جي رهواسڻ ٻن ٻارن جي ماءُ نسيم ڪلهوڙو نواب شاهہ جي رهواسي منصور علي ڪلهوڙو سان عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادپور: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

## جان محمد سوسائٽي پرسان ڳوٺ جهنڊائي چاچڙ جي رهواسين پاران احتجاج

بااثر زمين مٿان قبضو ڪري اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

جان محمد سوسائٽي (رپورٽ غلام رسول مهر) ڳوٺ جهنڊائي چاچڙ جي رهواسين جو يوسي قاضي بادل مهر جي چيئرمين محمد قاسم چاچڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

## دادو ۾ بجلي جي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب شهري پريشان

بجلي تي هلندڙ چڪيون آٽي جون مشينون، برف ڪارخانا، فلور ملز ٺپ

نوٽيس وٺي شهر ۾ بجلي جي چوري ۽ لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي وڃي: رهواسي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ بجلي جي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب شهري توڙي ڪاروباري ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا شهر جي 12 ڪلاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

## خانپور مهر پرسان تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل مٿان چڙهي ويو

نينگر ڌڏي تي فوت، ڀيو نينگر سخت زخمي ٿي پيو، ٽرالر ڊرائيور فرار ٿي ويو

نينگر جي گهر ۾ ڪهرام، ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت ڌڏي تي فرار ٿي ويو

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر پرسان تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل مٿان چڙهي ويو، اسڪول کان واپس گهر ويندڙ نينگر ڌڏي تي فوت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

## شڪارپور پرسان جوابدارن جي فائرنگ ۾ نوجوان سميت 2 عورتون قتل

ڀيا-معرفاڻي تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي پيو، ڀيا برادري جا 3 قتل ٿي ويا، ڏرين مورچابند ٿيل

ڏياڻي زال نثار ڀيو ۽ غلام فاطما جيڪا پنهنجي مڙس نويد ڀيو سميت وحشي جوابدارن هٿان مارجي وئي

معرفاڻي هٿيارٻندن حملو ڪري پراڻي دشمني جي آڙ ۾ ٻن عورتن ۽ هڪ نوجوان کي قتل ڪيو آهي: وارث

شڪارپور (ٻر) شڪارپور ويجهو ڀيا معرفاڻي تڪرار ڀڙڪي اٿيو، هٿيارٻندن جي حملي ۾ زال مڙس سميت 3 ڄڻا مارجي ويا، خبر موجب شڪارپور جي علائقي همايون پرسان جهاناواهہ ڏياڻي جي حد ۾ ڀيا معرفاڻي تڪرار هٿيارٻندن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور: هٿيارٻندن هٿان مارجي ويلن جا وارث احتجاج ڪندي، ٻئي طرف سندس مڙهہ پيل آهن

### ميرپور ماٿيلو: سندراڻي گينگ جي 58 سڃاتل ۽ 31 اڻسڃاتل ڌوهارين خلاف ڪيس داخل

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ٽي ڏينهن اڳ آنڌل سندراڻي ٿاڻي جي حد پوليس پڪٽ تي حملي دوران شهيد ٿي ويل پوليس اهلڪار ۽ ٽن پوليس اهلڪارن کي اغوا ڪرڻ واري معاملي تان سرڪار پاران اي ايس آئي شهزادو مهر جي فرياد تي سندراڻي گينگ جي 58 سڃاتل ۽ 31 اڻسڃاتل ڌوهارين خلاف آنڌل سندراڻي ٿاڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

## جيلن ۾ 80 ڪلوواٽ کان وٺي 30 ڪلوواٽ جو سولر سسٽم نصب ڪيو پيو وڃي: علي حسن زرداري

ڪراچي سينٽرل، وومين ۽ لانڍي ڪراچي جي جيلن کي سولر منتقل ڪرڻ وارو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جيئن قيدي گرمي کان بچي سگهن

لاڙڪاڻي ۽ سکر وومين جيل کي بہ سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو، جنهن جو ٽينڊر بہ جاري ڪيو ويو آهي

جيل ۾ لڳل مشينري ۽ ڪلاس رومز کي بہ سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو، جيئن قيدين کي ڪا بہ ڏکيائي پيش اچي نہ سگهي

سڪرنڊ (رپورٽ راڄ ڪماراوڙ) جيل کاتي سنڌ جي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ کي نظر ۾ رکندي سنڌ جي سمورن جيلن جي قيدين کي بهتر سهولتون فراهم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

## سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس نوشهروفيروز ۾ ”نوجوانن لاءِ اعلي تعليم جا موقعا“ جي موضوع تي ليڪچر

ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عبدالستار ابڙو ۽ ٻين استادن سميت تمام وڏي تعداد ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ ۾ اعلي تعليم حاصل ڪندڙ نوجوانن جو تمام گهٽ يعني 4 کان 5 سيڪڙو آهي: ڊاڪٽر اظهر علي شاهہ

انگلينڊ جي ايراضي تقريبن سنڌ جيتري آهي پر اتي هر ننڍي وڏي شهر جي ناليءَ سان عالمي معيار جون يونيورسٽيون آهن

نوشهروفيروز (رپورٽر منظور ملڪ) سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس نوشهرو فيروز جي پرووائس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: پروفيسر سيد اظهر علي شاهہ شاگردن کي خطاب ڪري رهيو آهي

### دادو ۾ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شروع ڪيل جدوجهد کي 32 ڏينهن ٿي ويا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرڄڻهار فورم پاران 22 مهينا اڳ اغوا ٿيل سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شروع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

## سانگهڙ: پ ٽ الف تعلقہ سنجهورو جو هنگامي اجلاس

پ ٽ الف تعلقہ سنجهورو صدر عبدالرحمان خاصخيلي ۽ ٻين جي شرڪت

استادن سان بدتميزي غير ذميوار نہ رويو اختيار ڪندڙن تي اسڪولن ۾ اچڻ تي پابندي لڳائي وڃي

سنجيده معاملي تي پ ٽ الف تعلقہ سنجهورو سان تعاون ڪري: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽر: منٺار علي رند) پ ٽ الف تعلقہ سنجهورو جو هنگامي اجلاس 20240426، 23 جمعرات تي گذريو. تفصيل مطابق اجلاس جي صدارت پ ٽ الف تعلقہ سنجهورو صدر عبدالرحمان خاصخيلي جن ڪئي. تلاوت ڪلام پاڪ جي سعادت استاد محمد احمد جن ڪئي. 1 ايجنڊا هڪ، بائيوميٽرڪ اسسٽنٽ طرفان تي گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول ديهہ استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

## ميرپور ماٿيلو ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي فوري آزادي لاءِ احتجاج

ريلي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب کان نڪتي جيڪا پٽائي چوڪ تي جسي جي صورت اختيار ڪري وئي

موجوده حڪومت عوام کي ريليف ڏيڻ بدران پنهنجا بب ڀرڻ ۾ پوري آهي، مهانگائي عروج تي پهچي رهي آهي

ملڪ بحران ۾ وڪوڙجي چڪو آهي عمران خان ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو: مظاهرين

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي فوري آزادي لاءِ ميرپور ماٿيلو ۾ پي ٽي آءِ ميرپور ماٿيلو پاران احتجاجي ريلي، عمران خان جي ڪلام تي رقص، عمران خان جي آزادي توڙي موجوده حڪومت خلاف چٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

## گهوٽڪي ۾ مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ سيمينار

هر سال پاڪستان ۾ 4 لک ماڻهن کي مليريا ٿئي ٿي، سموري سنڌ جيان ضلعي گهوٽڪي ۾ بہ مليريا جي بيماري عام آهي: اڳواڻ

سنڌ حڪومت پاران سرسوسان گڏجي گهوٽڪي سميت سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ مچرداڻيون ڏنيون آهن تہ جيئن ڳوٺاڻا مليريا کان بچي سگهن

شهرين ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪري مليريا جي خاتمي لاءِ سهڪار ڪرڻ سان ئي مليريا جو خاتمون ممڪن آهي

جان محمد سوسائٽي (رپورٽ: غلام رسول مهر) صحت کاتي گهوٽڪي NRSP گهوٽڪي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جان محمد سوسائٽي: مليريا جي عالمي ڏهاڙي تي نڪتل جاڳرتا ريلي جو ڏيک

### حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ رڳو مهانگائي وڌائي ٽيڪس لڳائڻ ۾ مصروف آهي: مظاهرين

شهدادپور (رپورٽر) پي ٽي آئي جي پاران باني چيئرمين عمران خان جي آزادي اليڪشن ۾ ڌانڌلي ۽ بشيرا بي بي کي زهر ڏيڻ خلاف منوڇهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

## سڪرنڊ ۾ عبدالستار ڪيريو جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام

منهنجي سڃاڻپ انڊس پبلڪ سوشل فورم هوندي ۽ منهنجو قائد ۽ وڏو سردار عبدالستار ڪيريو هوندو: عبدالمجيد عباسي

اها پڪ ٿا ڏياريون تہ انڊس جو پليٽ فارم صرف ڪيريا برادري جي لاءِ ناهي بلڪ هر قوم ۽ برادري جي ماڻهن لاءِ آهي

توهان اسان جي فورم ۾ شموليت ڪيو، هڪ ڀيرو انڊس جي پليٽ فارم کي آزمائي ڏسو اوهان جي اعتماد تي پورو لهنداسين

سڪرنڊ (رپورٽر: راڄ ڪماراوڙ) سنڌ سڃاڳ فورم جي چيئرمين عبدالمجيد عباسي ۽ ٻيا ران انڊس جي باني چيئرمين سردار عبدالستار ڪيريو جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مرحبا شادي هال ۾ شاندار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

## گلشن معمار ۾ زبردستي تشدد ۽ زيادتي جو نشانو بڻيل عورت کي انصاف نہ مليو

ڪيس متاثر عورت جي فرياد تي گلشن معمار ٿاڻي تي داخل ٿيڻ باوجود جاچ پوليس جوابدارن کي گرفتار نہ ڪري سگهي

متاثر عورت جو گهرڀاتين سان گڏجي صحافين آڏو احتجاج جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ ڏيڻ جي اپيل

بااثر جوابدار اسان جي ٻين گهرڀاتين کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي: عورت

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) گلشن معمار ۾ هڪ هفتو اڳ جوابدار توفيق وسان پاران ٻين ساٿين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ملير: زيادتي جو شڪار ٿيل عورت ٻارڙن سان گڏجي احتجاج ڪري رهي آهي

### ميرپور ماٿيلو ۾ قتل جي الزام هيٺ آيل ڏر پاران احتجاج

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: چار ڏينهن اڳ قتل ٿيل نوجوان دوست علي سميجو جي قتل جي الزام هيٺ آيل ڏر پاران الزامن کي بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

## يارولنڊ رهواسي گم ٿيل نوجوان قتل ٿيڻ جو انڪشاف، لاش هٿ نہ اچي سگهيو

راجا محمداڻي کي اسان لالچ ۾ اچي قتل ڪيو هو هن وٽ نئي موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون هئي: اميرالدين لنڊ

لاش منهنجو پاءِ ڪٿي الائي ڪٿي پوري آيو آهي اها مون کي خبر آهي. لالچ ۾ راجا محمداڻي کي قتل ڪيو هو

مقتول جي پاءُ غريب نواز محمداڻي جي فرياد تي اغوا جو ٽن نامعلوم ماڻهن مٿان ڪيس داخل ٿيل هو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: يارولنڊ رهواسي گم ٿيل نوجوان قتل ٿيڻ جو انڪشاف، تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو يارولنڊ لاش هٿ نہ اچي سگهيو هڪ جوابدار گرفتار رهواسي راجا محمداڻي جيڪو مسلسل 5 مهينا گم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 27 اپريل 2024ع


کهي سو ڪَرَ لَهِي، ڪوئي سو قَرِيبُ؛
اِهَا عَادَتَ سِکِيو، هَرَ زَمَانَ حَبِيبُ؛
تِهِي سو طَبِيبُ، سوئي رَاحَتَ رُوحَ جِي.

## پرڏيهي قرض کي پارليامينٽ جي اجازت سان مشروط ڪريو!

ڪشڪول اسان جو قومي نشان ۽ گداگري قومي ڪئريڪٽر بڻجندو وڃي. اسان جي سڄي معيشت قرضن تي آڌاريل آهي. حڪمران ٽولن هن ملڪ کي تجربيگاهه سمجهي ورتو آهي ۽ هر ايندڙ حڪمران پاڻ سان گڏ تجربن جو هڪ نئون "مينو" آڻيندو آهي ۽ هر ڪو پنهنجا پنهنجا تجربا ڪندو آهي. جنهن سان هن ملڪ کي هاڃو رسيو آهي پر ان جي ذميواري ڪير کڻڻ لاءِ تيار نه آهي. هن ملڪ کي ايڏها ڪ جي بنياد تي هلايو پيو وڃي. ڪنهن به قسم جي ڪا به رٿابندي نه آهي. معاشي مئنيجر مختلف دورن ۾ امپورٽ ٿيندا رهيا آهن. ظاهر آهي ته ٻاهران آندل ڪنهن به چونڊيل اداري جي اڳيان ذميوار نه هوندا آهن. هن پيري به هميشه وانگر ملڪ تي نئون تجربو ڪندي جيڪو معاشي مئنيجر آندو ويو آهي. اهو ڪو معاشي ماهر نه پر هڪ بينڪر آهي. واضح رهي ته هڪ بينڪر جا سمورا تجربا خساري کي گهٽائڻ جي جتن تائين محدود هوندا آهن. هن پيري به معاشي رٿابندي ٿيندي نظر نٿي اچي. جيڪا هڪ بينڪر جي وس جي ڳالهه نه پر هڪ معاشي ماهر جو ڪم آهي.

هن ملڪ ۾ ڊگهي مدي واري منصوبابندي نه ڪئي ويندي آهي. حڪمراني دلپشوري بڻيل آهي. هڪ راند آهي. جيڪا هن ملڪ سان ٿيندي رهي آهي. خطي جا سڀ ملڪ اسان کان بهتر معاشي صورتحال رکن ٿا. ايران "اپڻي گهوٽ ته نشا ٿيوي" واري واٽ تي هلي پيو پر اسان جون سموريون توانايون گداگري تي خرچ ٿي رهيون آهن. تعليم تباهه آهي. تحقيق ٻڙي آهي. جدت ۽ جديد ٽيڪنالاجي مهڻو بڻيل آهي. ڪرپشن جي ڪينسر ملڪ کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. قرضن ڪوڏيا حڪمران قرض کڻڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ ۾ رڌل آهن. ڪراچي ۾ واپارين سان ڳالهائيندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ملڪ تي قرض جا انبار آهن. سوال اهو آهي ته قرض جا انبار ڇو آهن؟ قرض ڪٿي آخر ڪٿي خرچ ڪيو ويو؟ هڪڙا حڪمران اچي قرض ڪٿي شاهه خرچيون ڪري خزانو خالي ڪري ٿا وڃن ته ٻيا وري نئون قرض ڪٿي شاهه خرچين جو سلسلو شروع ڪن ٿا. آخر اهو قرض ڪٿي ٿو خرچ ٿئي؟ حڪومتي خساري جي ڪڏ آخر ڇو نٿي پرجي؟ الميو اهو آهي ته هتي ملڪي قرض جي قسط ادا ڪرڻ لاءِ به قرض ڪنيو وڃي ٿو ۽ ان جو سڄو بار عوام تي پوي ٿو. چوته اهو سڄو قرض عوام ڪي ئي پرٿو پوي ٿو. هن ملڪ تي ايترو قرض آهي جو نئون ڄاول ٻار به مقروض هوندو آهي. ملڪ کي مقروض ڪندڙ حڪمرانن کان ڪو به پڇاڻو ڪونهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته پرڏيهي قرض کي پارليامينٽ جي منظوريءَ سان مشروط ڪيو وڃي. قرض جي حوالي سان پارليامينٽ ۾ بحث ٿئي ۽ پڇاڻو ٿيڻ گهرجي ته جيئن خبر پوي ته قرض ڪيڏانهن ٿو وڃي؟

هڪ پاسي قرض جو بار آهي ته ٻئي پاسي مهانگائي وڌائي عوام جو جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي. وفاق جون خساري جون دانهون ته آهن پر وفاق خرچ گهٽائڻ لاءِ تيار نه آهي. ارڙهين ترميم تحت صوبن کي منتقل ٿيل کاتن جا متبادل وفاقي کاتا جوڙيا ويا آهن. جيڪي غير ضروري آهن. ظاهر آهي ته ان ڪري خرچ ڪيئن نه وڌندو. سڌريل ملڪ سماج تي سيڙپ تعليم جي صورت ۾ ڪندا آهن. پر جنهن ملڪ ۾ ايچ اِي سي تحت نيون سرڪاري يونيورسٽيون قائم رکڻو ان ڪري نه ڪجن ته جيئن ملڪ جو خسارو گهٽائي سگهجي. اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙي ترقي ٿيندي؟ چا رڳو قرض ڪٿي قرض ڏيندا رهنداسين؟ وڏي ڳالهه اها آهي ته حڪمرانن وٽ قرض گهٽائڻ جي ڪا به رٿابندي به ڪانهي. نه ته ڪامورن، اهم سرڪاري عهديدارن ۽ چونڊيل نمائندن جون مراعت، پروٽوڪول، مفت بجلي ۽ پيٽرول جون سهولتون گهٽائڻ سان به وڏي بچت ٿي سگهي ٿي. حد ته اها آهي ته هر مهيني عوام جي کيسي تي فيول ايڊجسٽمينٽ چارجز جي نالي ۾ ڌاڙو هنيو وڃي ٿو. خسارو گهٽائڻ لاءِ نجڪاري جي نالي ۾ ادارا وڪڻڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. اهو ڄاڻڻ جي باوجود ته ادارا هڪ ڏينهن ۾ ناهن ٺهندا. انهن جي جوڙجڪ تي عوام جي ٽيڪس جو ناڻو خرچ ٿيندو آهي. حڪمران ٽولن جي هن ملڪ ۾ ايڏي قرلت آهي. جنهن جي اڳيان دنيا جا وڏي ۾ وڏا ڌاڙا به شرمنده آهن.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ملڪ کي هن ذهن مان ڪيڻ لاءِ بهتر معاشي رٿابندي جو سهارو ورتو وڃي. ملڪ تي نوان تجربا ڪرڻ بند ڪيا وڃن. عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي ڌاڙيوالي بند ٿيڻ گهرجي. آخر حڪمران تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش ڇو ڪون ٿا ڪن؟ حڪمرانن کي عوام جو صبر آزمائڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ياد رکڻ گهرجي ته عوام جي ٻانهن ۾ ايترو ٻل موجود آهي، جو اهي ڇٽ. پٽن سان هٽي سگهن ٿا.

## ايراني صدر جو دورو: معاهدن تي عمل جو سوال ۽ رڪاوٽون

ايم بي سومرو

اسرائيل تي حملن بعد ايراني صدر پهرئين پرڏيهي دوري تي پاڪستان پهتو جنهن ويجهي تاريخ ۾ پهريون پيرو اسلام آباد ڪانسواءِ سنڌ ۽ پنجاب جي گادي وارن شهرن جو به دورو ڪري صوبائي حڪومتن جي سربراهن سان به ملاقاتون ڪيون. ايراني صدر جي پاڪستان جي دوري دوران صدر پاڪستان، وزيراعظم ۽ ٻين سان به ملاقاتون ٿيون. ايراني صدر جي دوري جا پاڪستان تي ڪهڙا اثر مرتب ٿي سگهن ٿا. ان بابت تجزئي ڪارن جا تجزيا سامهون اچي رهيا آهن. ڪي پاڪ- ايران تجارت کي هٿي ملندي محسوس ڪري رهيا آهن ته ڪي وري ايراني صدر جي دوري دوران پاڪ- ايران گيس پائپ لائين منصوبي تي ڳالهه ٻولهه نه ٿيڻ تي سوال اٿاري رهيا آهن. پاڪستان- ايران گيس پائيپ لائين منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پيپلزپارٽي جي 2008 جي چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل حڪومت دوران ان وقت جي صدر جي حيثيت ۾ آصف زرداري جو اهم ڪردار هو...

حالت ۾ گهيرل آهي. ان لاءِ پاڪستان کي آءِ ايم ايف جا شرط به مڃڻا آهن. ايران کي اهو به معلوم آهي ته آءِ ايم ايف ڪان وٺي اڪثر وڏا عالمي مالياتي ادارا آمريڪا بهادر جي ڪيٽري اثر هيٺ آهن. ظاهر آهي ته آءِ ايم ايف ڪان 8 ارب ڊالرن جو نئون قرض وٺڻ لاءِ پاڪستان کي آءِ ايم ايف جا شرط مڃڻا آهن جن لاءِ پاڪستان نه رڳو تيار نظر اچي رهيو آهي پر نائين وزير آءِ ايم ايف کي اهي به خاطريون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي رهيو آهي. جنهن تي عملدرآمد نه رڳو ڏکيو آهي پر ان حوالي سان قدم به ملڪ ۾ نئين سياسي چڪتاڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿا.

تازو ناڻي وزير جو اهو بيان سامهون آيو آهي ته آءِ ايم ايف اگر اڌ ارب ڊالرن جو قرض ڏئي ٿو ته پاڪستان اين ايف سي ايوارڊ تي نظرثاني لاءِ تيار آهي. ناڻي وزير کي اهو معلوم هوندو ته آئين ۾ اهو لکيل آهي ته صوبن جو ستين اين ايف سي ايوارڊ ۾ طئي ٿيل حصي ۾ اضافو ته ٿي سگهي ٿو پر ان کي گهٽ...

پر انهن ادارن ۾ هزارين ملازم ڪم ڪري رهيا آهن. حڪومتي ماهرن ۾ ايتري به قابليت نه آهي جو خساري ۾ هلندڙ ادارن کي منافعي بخش بنائي سگهن. اگر سرڪاري نگراني ۾ هلندڙ ادارا منافعي بخش هجن ها تڏهن حڪومت انهن جي نجڪاري ڪري ها ته اهو چئي پئي سگهيا سين ته حڪومت ڪاروبار نه ڪرڻ جي سوچ اختيار ڪري پاڻ ريگيوليٽر جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي پر ادارن جي خساري ۾ هجڻ حڪومتن جي نااهلي واضح ڪري رهيو آهي. جنهن سان نقصان رڳو اهو نه آهي ته اهي ادارا هلائڻ تي عوام جي ٽيڪس جو پيسو ضايع ٿي رهيو آهي پر هاڻي جڏهن انهن ادارن کي وڪرو ڪيو ويندو تڏهن به انهن ادارن جي پوري مارڪيٽ تحت جڙندڙ قيمت نه ملي سگهندي. اسان وٽ ته نجڪاري جو ماڊل به ڪامياب نه ٿيو آهي. پي ٽي سي ايل، ڪي اليڪٽرڪ جو مثال سامهون آهي.

## نوجوانو! سنڌ توهان جي منتظر آهي!!

ڪامريڊ زاهد خشڪ

لکندي لکندي ڪڏهن خيال ايندو آهي ته سياسي تجزيا ۽ تبصرا اڄ ڪلهه جي نوجوان نسل ۾ ايترا مقبول نه ٿا ٿين. جيترو ڪي غيرسياسي لکڻيون! خبر ناهي ته اهو منهنجو غلط گمان آهي يا حقيقت. پر جڏهن به ڪو مضمون اخبار مان ڪٽي فيس بڪ تي رکندو آهيان. جنهن ۾ موجوده سياسي صورتحال جو ڪو ذڪر نه هجي ته انهيءَ جا پڙهندڙ وڌيڪ نظر ايندا آهن. ڇا نوجوان نسل مان سياسي سوچ جي اثاث ٿيندي پئي وڃي يا انهن جي دلچسپي آس پاس جي سياسي ۽ سماجي منظر نامي کان لاتعلق ٿيندي پئي وڃي؟ اهو بلڪل به نه وسارڻ گهرجي ته سياست سماجي تبديلي جي سائنس جو واحد علم آهي. جنهن جي وسيلي نه رڳو پنهنجي سماج کي سمجهي ۽ انهيءَ ۾ تبديلي جي لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو پر پوري دنيا جي سماجن کي، اتي جي نظام کي ۽ انهن جي...

بقايا 01

ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٽيڪس چور ملڪي خوشحالي جا دشمن آهن. ڪين ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو. ٽيڪس چورن جا نالا اخبارن ۾ ڇاپيا ويندا. سندن اڪائونٽ فريز ڪرڻ لاءِ به اپاءَ ورتا ويندا...

جون تجويزون چين مان واپسي تي نواز شريف کي پيش ڪيون وينديون. سنڌس چوڻ هو ته پارٽي پنهنجي وفاق ۽ پنجاب حڪومت سان ڀرپور انداز ۾ بيٺي آهي. مريم نواز پنجاب ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهي آهي. اسان پنهنجين خامين ۽ ڪوتاهين تي ضابطو آڻينداسين. اسان اها ئي ليڊرشپ مهيا ڪنداسين جنهن جي عوام...

بقايا ******* 01

زراعت رسول بخش جوڻيجو، ڊسٽرڪٽ بار سکر جي جنرل سيڪريٽري وڪيل سندرخان چاچڙ، پارٽنر شپ آفيسر آءِ آر سي فتح جدون، پروجيڪٽ آفيسر ايس پي او وليد احمد صفيه بلوچ، عذرا جمال، ناري فائونڊيشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور مهر، پروگرام مينيجر شازيه عباسي ڳالهائيندي چيو ته هن ڪائنات جي مضبوط ترين مخلوق عورت آهي اسان کي معاشري جي نظريات کي تبديل ڪرڻو پوندو مردن جي معاشري ۾ عورتن کي پنهنجي حقن جي لاءِ آواز بلند ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو. هر ڳوٺ ۾ اهڙيون آگاهي تنظيمون نهڻ گهرجن ٿيڻ. هن ملڪ جي ترقي ايسيتائين ناممڪن ناهي آهي جيستائين عورتن کي برابري جا حق نٿا ملن. شاه عنايت جي هارين وارن جي تحريڪ ۾ عورتن جو وڏو ڪردار هيو. اسان جي معاشري ۾ آهستي تبديليون اچي پيون. سنڌ ۾ بوڻ کان پوءِ عورتن جي حقن جي حوالي سان ڪوششون بهترين آهن. زراعت جي حوالي سنڌ ۽ پنجاب ۾ جيڪي عورتن زمينن تي ڪم ڪن ٿيون انهن جي بنيادي حقن جو خيال ڪرڻ سان صحت سان گڏ مختلف فيلڊ ٽريننگ ٿيڻ گهرجن. چوته عورت به زمين ۾ برابر جي حقدار آهي هن قانون تحت زميندار عورتن کي حصو ڏيڻ جا پابند آهن آبادي وڏي رهي آهي زمين گهٽجي رهي آهي ڳوٺن ۾ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻا پوندا. حڪومت 3600 روپيه من ۾ ڪڻڪ کڻڻ جي لاءِ تيار ناهي افسوس آهي. هن وقت اسان کي قانوني جنگ وڙهڻي آهي جيڪا عورت زمين ۾ ڪم ڪري ٿي ان کي رجسٽرڊ ڪري ورڪر ڊڪليئر ڪري ان کي اجرڪ ڏني وڃي عورت رڳو زراعت نه ۾ هر پورهئي کي جنم ڏنو آهي هوءَ جيڪو به پورهيو آ عشق سان ڪري ٿي. هن قانون جي حوالي سان هر ممڪن مدد ڪئي ويندي. قانون اچي ويو آهي ان جو فائدو ورتو وڃي زراعت ۽ ليبر شعبن کي پابند ڪيو وڃي ته هن هن قانون تحت پورهيت عورتن کي رجسٽرڊ ڪيو وڃي ووٽ گهرندڙ اميدوارن کان زرعي پورهيو ڪندڙ عورتن جي حقن جي پاسداري ڪن. زراعت جي اپت جو پنجاه سيڪڙو آمدني زرعي پورهيو ڪندڙ عورتن جي ڀلائي جي منصوبن تي خرچ ڪيا وڃن. پروگرام ۾ وومين ايگريڪلچر ڪائونسل جي ميمبر عورتن سميت مختلف شعبن سان لاڳاپيل وڪيلن صحافين شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا ******* 02

مريضن ۾ 3 سالا آسيه 5 سالا شازيه 6 سالا شعر بانو 7 سالا جمن 6 ساله سعيده 13 سالن جو سعيد احمد 20 سالا بختاور 12 سالا ظهيره 2 سالا جمال دين 3 سالا صاحبم 16 سالن جو جنسار علي 10 سالا سلطان 50 سالا ساران خاتون 31 سالا ساڌ الله سميت ٻه درجن کان وڌيڪ مريضن مليريا جي ٽيسٽ پازيٽو هجڻ باوجود ڪابه بخار لاهڻ لاءِ ڪابه دوا بي پي ايڇ آئي جي ميڊيڪل اسٽور ۾ ڪابه ڊراميڊيسن ناهي عملي موقعي تي ٻڌايو ته دوائون ختم ٿي ويون آهن هن وقت تائين ضلع آفيس ڪابه دوا ناهي جڏهن ته ضلعي جي انچارج سان رابطو ڪرڻ باوجود ڪوبه رابطو نه ٿي سگهيو. صالح پٽ جي سماجي اڳواڻ طرفان اسپتال ۾ ڊاڪٽر مقرر ڪري دوائون مهيا ڪيون وڃن فوتوميل ڪيل آهن.

بقايا ******* 03

ٿي پيا جن کي سول اسپتال ٺٽو سميت ٻين اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو. زخمين ۾ سڪينا، حڪيم، شبانه، خديجه، فدا حسين جوڙائي جڏهن ته ڇهن زخمين جي حالت حالت ڳنڀير جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.

بقايا ******* 04

لاءِ سول اسپتال بدين کان منو پاڻي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين تائين ريلي پڻ ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته هن ريلي جو مقصد عوام ۾ پوليو جهڙي موذي مرض بابت آگاهي ڏيڻ آهي هن چيو ته 29 اپريل کان پوليو مهم جو آغاز ٿي رهيو آهي ميڊيا ۽ سول سوسائيٽي گڏجي ڪردار ادا ڪن ۽ مائٽن کي جاڳ ڏين ته جيئن هو پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪندي پنهنجي معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين هن چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ اسان سڀني کي ملي ڪري ڪوشش ڪرڻي آهي ته جيئن پوليو جهڙي مرض جو خاتمو ڪري پنهنجي نسلن کي دائمي معذوري کان بچائي سگهجي اچو ته اسان سڀ ملي ڪري پوليو خلاف جنگ ۾ پنهنجو پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريون ته جيئن هن موذي مرض مان جان ڇڏائي سگهون ريلي کان پوءِ منو پاڻي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر بدين ۾ پوليو مهم ۽ ٽڪن جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ سيمينار پڻ منعقد ڪيو ويو سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو چيو ته پوري دنيا ۾ هر سال اپريل جي آخري هفتي ۾ حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ملهايو ويندو آهي ان سلسلي ۾ بدين ۾ پڻ صحت کاتو ۽ ٻين کاتن ۽ سماجي تنظيمن سان گڏجي حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ڀرپور نموني ملهايو پيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته والدين پنهنجن 2 سالن کان گهٽ گلن جهڙن ٻارڙن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان محفوظ رکڻ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائن سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ، ايم ايس سول اسپتال ڊاڪٽر مير اختر ٽالپر، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شهزاد ملاح، ڊاڪٽر رجنيش، ڊاڪٽر ثناءالله ڊاڪٽر صلاح الدين ڪوسو، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر دين محمد ڏيرو، ڊسٽرڪٽ مينيجر هينڊز حيدر پنهور، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا ******* 05

جڏهن ته ٻه ڌوهاري فرار ٿي ويا اوباوڙو تفصيل موجب ڳوٺ واڳڻي ميرپور جو رهواسي اصغر ولد اسماعيل شيخ کي خفيا اطلاع تي اوباوڙو پوليس ڪاروائي ڪندي گنگل روڊ وٽ ڌوهه جي ارادي سان بيٺل هڪ ڌوهاري اصغرعلي شيخ کي فائرنگ جي ڏي وٺ بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻه ساٿي فرار ٿي ويا زخمي کي طبي امداد لاءِ سول اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب جوابدار مٿان پوليس مقابلو ۽ 13 ڊي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا ******* 06

مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ضلعي اڳواڻ امتياز ڪوسو، جسٽس سٽي نوشهروفيروز صدر فريد لاشاري، احسان سيال منير وسطڙو، اسد عمراڻي ۽ ٻين چيو ته معصوم نياڻي پريا ڪماري جي اغوا کي ٽي سال ٿيڻ وارا آهن پر اڃا تائين معصوم نياڻي بازياب ناهي ٿي سگهي جسٽس اڳواڻن چيو ته سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لا ضلعي نوشهروفيروز ۾ مرحليوار جدوجهد ڪئي ويندي انهن جو چوڻ هو ته سنڌ جي مائٽن ۾ گهٽجي جي لهر ڇانئيل آهي. هنن چيو ته پريا ڪماري جي اغوا جو معاملو سنڌي هندن ۾ عدم تحفظ جو احساس پيدا ڪري آهي. هنن چيو ته پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ اغوا ۾ ملوث ڪردارن کي واٽکو ڪيو وڃي ۽ سنڌ مان بدامني ختم ڪرائي اغوا ٿيلن کي بازياب ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا ******* 07

ٻين ٻاران خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته ڊاڪٽر خادم علي مگريو هڪ محنتي ۽ جاکوڙي انسان آهي جنهن اسپتال لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي وعدي مطابق سمورا مسئلا حل ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. اڳواڻن چيو ته سندس جي ڀرپور ڪوشش سان اڄ سول اسپتال اندر آئي سي يو وارڊ تيار ٿي ويو آهي جيڪا وڏي ڪاميابي آهي اميد آهي ته ڊاڪٽر خادم علي جي ڪوشش سان جلد اسپتال کي ضلعي اسپتال جو درجو پڻ ملي ويندو

بقايا ******* 08

مالڪن ٻاران پيٽرول جي اگهن ۾ گورنمينٽ جي ريٽ کان هترادو واڌ ۽ پيٽرول جي ماپي ۾ ڪوٽ جي عوامي شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پنوعاقل ردا ظهرا ٽالپر ٻاران اوچتو ڇاپا هنيا ويا سلطانپور: عورت اسسٽنٽ ڪمشنر پنوعاقل ردا ظهرا ٻاران سلطانپور، جوڻاس، جلال ڳوٺ، روهڙي، باتي چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي قائم پيٽرول پمپن جي چيڪنگ دوران هر هڪ پيٽرول جو ماپو گهٽ نڪتو ۽ اگهه ۾ 3 کان 5 رپيا هترادو اضافي

تي ڏه کان وڌيڪ پيٽرول پمپن تي ڏنڊ مقرر ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا ٽيم ٻاران رابطو ڪرڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر ردا ظهرا ٽالپر چيو ته ڪافي ڏينهن کان عوام ٻاران ٻه نمبر تيل ۽ اگهن ۾ اضافي جون شڪايتون ملڻ بعد ڪاروائي ڪئي آهي هن چيو ته عوام کي درپيش مسئلن بابت ملندڙ شڪايت تي ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي.

بقايا ******* 09

تاجران سنڌ جو صدر جاويد قريشي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي، آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ دادو جي صدر محمد امين جمالي، نائب صدر وزير يونس روڊناڻي، سينيئر نائب صدر جاويد احمد قريشي، جوائنٽ سيڪريٽري محمد يامين لغاري، جنرل سيڪريٽري غلام نبي لغاري، ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري سجاد علي پند، فنانس سيڪريٽري عنايت الله پٺاڻ، انفارميشن سيڪريٽري فاروق علي چانڊيو، آفيس سيڪريٽري عبدالرزاق لغاري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري سلمان قريشي حلف کنيو. ان موقعي تي حلف برداري تقريب جي مهمان خاص آل پاڪستان انجمن تاجران سنڌ جي صدر جاويد قريشي ڳالهائيندي چيو ته اسان سڀني پاڪستان جي واپاري برادري جا مسئلا هن فورم تان حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهيون اسان دادو ضلعي جي واپارين کي خاطري ٿا ڪرايون ته سندن جيڪي به مسئلا آهن انهن جي حل لاءِ اسان ساڻن گڏ آهيون جڏهن ته ان موقعي تي دادو ضلعي جي صدر محمد امين جمالي پڻ حلف تقريب تي خطاب ڪيو. جڏهن ته تقريب ۾ سليم پنهور ۽ ٻين واپارين سميت دادو ضلعي جي مختلف شهرن مان آيل مهمانن پڻ شرڪت ڪئي واپاري تنظيم پاران پنهنجي مرڪزي صدر ۽ ٻين مهمانن کي سنڌ جون سوکڙيون پيش ڪيون ويون آيل مهمانن جي آجيان ڪئي وئي جنهن ۾ گلن جي ورکا ۽ دهلن تي گيت ڳايا ويا

بقايا ******* 10

جو شڪار ڪندڙن جي بستي جا رهائشي 22 ماهيگر گذريل 4 سالن کان ڀارتي جيلن ۾ قيد، ماهيگرن جي گهرن ۾ ماتم متل. پاڪستان حڪومت سميت، انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل، ملاحن جي فلاح بهبود لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن سار نه لڌي. بدين جو ۽ پيرا ايم بي اي رهندڙ تاج محمد ملاح ڪڏهن لڙي ٻه. نه آيو تفصيل موجب بدين ضلع جي ساموندي پٽيءَ جي ڳوٺ زيرو پوائنٽ جا 22 ماهيگر چئن سالن کان هندوستان جي جيلن ۾ قيد آهن انهي حوالي سان زيرو پوائنٽ جي رهواسين ٻڌايو ته سمنڊ ۾ ملڪي حدن جا واضح نشان نه هجڻ ڪري مڇي ماري پيٽ گذر ڪندڙ مهاڻا ٻي خبري ۾ هندوستاني جي حدن ڏانهن هليا وڃن ٿا يا رات جو اونداهي ۽ سمنڊ جون لهرون ڪين ڌڪي ڇڏين ٿيون ڪڏهن ڪڏهن نيوي پڻ پاڪستاني حدن ۾ داخل ٿي مڇي ماريندڙ مهاڻن کي پڪڙيو وڃي انهي حوالي سان زيرو پوائنٽ جي رهواسي عورتن جنت، لوڇڻ خاتو، حاجران ۽ ٻين روئيندي صحافين کي ٻڌايو ته اسان جا نوجوان مڇي مارڻ لاءِ سمنڊ ۾ ويا هئا ته هندوستاني نيوي ڪين پڪڙي مختلف جيلن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي هنن ٻڌايو ته هڪ ٿي گهر جا چار ڀاتي ته ڪنهن گهر جا ٽي ڀاتي هندوستاني جيلن ۾ قيد آهن هنن ٻڌايو ته صرف زيرو پوائنٽ جي ڳوٺ جا 22 مهاڻا گذريل 4 سالن کان هندوستاني جيلن ۾ قيد آهن جن ۾ 30 ورهين جو الهبچايو پٽ محمد صديق، 28 ورهين جو علي بخش پٽ خير محمد، صدام حسين پٽ غلام مصطفي، 32 ورهين جو غلام علي پٽ الهداد، 30 ورهين جو بلاول پٽ خميسو 40 ورهين جو جان محمد پٽ لال خان، 38 ورهين جو علي اصغر پٽ لال خان، 30 ورهين جو منٺار پٽ ياسين ملاح، 15 ورهين جو گلشير پٽ دادن، 35 ورهين جو سرور پٽ شفيع محمد، 30 ورهين جو منظور پٽ محمود عمر 30، اسلم پٽ علي نواز، منو، محمد پٽ محمد سليمان شيخ، ياسين پٽ محمد رمضان شيخ، جهانگيرشيخ سميت 22 ماهيگر مختلف وقتن تي هندوستاني نيوي هٿان پڪڙجي جيلن ۾ قيد ٿيل آهن انهن 22 ماهيگرن مان ڪيترائي 4 سال 3 سال، 2 سال کان بي يارو مددگار قيد ٿيل آهن ساموندي پٽيءَ جي حد بندين نه ٿيڻ جي ڪري سالياتو ڪروڙين روپين جي مڇي سانئا ڪيڪڙا زيرو پوائنٽ کان ڪراچي سميت ملڪ جي ٻين علائقن ڏانهن وڃن ٿا پر سنڌ حڪومت اڃان تائين بدين ضلع جي حد زيرو پوائنٽ ۽ گونگڙو کي سجاول ضلعي جي حد ڄاڻائي ڪاب مدد نٿي ڪري جڏهن ته ڪنهن ۽ آفت جي صورت ۾ هنن علائقن کي بدين ضلعي انتظاميا ريسڪيو ڪري ٿي اهڙي صورتحال هجڻ سبب مسڪين ماهيگرن پٽي عذاب جو شڪار هوندا آهن هتان جا رهواسي نه. سجاول ضلعي انتظاميا ڪين پنهنجو علائقي ۾ تسليم ڪري ٿي نه ئي بدين ضلعي انتظاميا هن علائقي جي مالڪي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ملاحن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون جن فشر فوڪ فورم، امير البحر، سنڌ ملاح فورم قيدي ماهيگرن جي سار نه لڌي آهي جڏهن ته حاجي تاج محمد ملاح ۽ پيرا ايم بي اي ٿيڻ باوجود ڪڏهن ٻه. قيدي ماهيگرن جي وارثن وٽ لڙي نه آيو آهي ملاحن لاءِ جاکوڙ ڪندڙن تنظيمن مان اڃان تائين ڀارتي جيلن ۾ بي گناه قيد ٿيل ماهيگرن بابت ڪڏهن به احتجاج نه سندن آزادي بابت ڪنهن به فلور تان آواز اٿاريو آهي، زيرو پوائنٽ جي ماهيگرن موجب ته ملاحن جي حقن جون ڳالهيون ڪندڙ تنظيمون پنهنجا ٻيڙا ڀري رهيون آهن پر مسڪين ماهيگرن جي ڪڏهن سار به ناهي لڌي، سندن چوڻ هو ته قيد ٿيل ماهيگرن جي عيد وغيره تي به سار ناهي لڌي وئي. ڀارتي جيلن ۾ قيد ماهيگرن جي گهرن ۾ بکون واڪا ڪري رهيون آهن. مليل ڄاڻ موجب بدين، سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي ماهيگير جا 84 خاندانن جن جا 184 ماڻهون جيڪي گذريل 15 سالن کان انڊيا جي گجرات سميت ٻين جيلن ۾ قيد ٿيل آهن جڏهن ته اسان جي ملڪ جي جيلن ۾ هندوستاني 81 ماهيگير قيد ٿيل آهن انهن 81 ماهيگيرن جي خاندانن کي هندوستاني حڪومت هر مهيني سندن گهر هلائڻ لاءِ معاوضو ڏي ٿي، پر هتي پاڪستان ۾ 184 ماهيگيرن جا ٻار ٻچا پنڻ تي مجبور آهن. جن جي سنڌ حڪومت طرفان ڪا ٻسار نٿي لڌي وڃي، زيرو پوائنٽ جي رهواسين محمد صديق، شير محمد، حاجي دائود ۽ محمود چيو ته. وڏي افسوس جي ڳالهه آهي يا ته انهن مسڪين ماهيگرن کي آزاد ڪرايو وڃي جيڪي بي گناه قيد ۾ جڪڙيل آهن. يا انهن جي خاندانن کي ماهوار معاوضو ڏنو وڃي پر افسوس هتي ائين نه ٿو ڪيو وڃي. پيٽ گذر لاءِ سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙن کي هندوستاني نيوي بي گناه ڪنپيو وڃي قيد ڪري ٿي ڇڏي. انهن مسڪين ماهيگرن جون نوجوان نياڻيون پنڻ تي مجبور ٿيو وڃن ٿيون. هنن چيو ته چاهي غريب سنڌ جون نياڻيون توهان جون نياڻيون نه آهن ڪجه خدا جوخوف ڪيو انهن خاندانن جي سار لهو

بقايا ******* 11

ڪڍي وئي، ڪنڊڪوٽ شهر جي مختلف سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي تنظيمن ۽ عام شهرين ٻاران امن ڪيپي تحريڪ جي ڪال تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، امن مارچ ريلي ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان پريس ڪلب تائين ڪڍي وئي، امن مارچ ريلي جي قيادت امن ڪيپي تحريڪ جي اڳواڻ غلام مصطفي ميرائي ۽ ٻين پڻ ڪئي، امن مارچ ۾ سياسي سماجي ڪاروباري مذهبي رهنمائن سميت وڪيل صحافي ڊاڪٽرز ۽ مغوين جي وارثن ۽ اسڪولن جي ٻارن پڻ شرڪت ڪئي، امن مارچ ريلي ۾ شريڪ ماڻهن امن ڪيپي جا اڇا جهنڊا کڻي امان جي بحالي لاءِ زوردار نعره پڻ هنيا. ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ شهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته سڄي ضلعي اندر امن امان جي صورتحال بگڙيل آهي ڪواهڙو رستو روڊ شهر ناهي جتي شهري بنا خوف جي سفر ڪري سگهن سڄو ضلعو بدامني جي ور چڙهيل آهي، ريلي ۾ شريڪ مظاهرين جو سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کان ڏاڙيل ڪلچر جي مڪمل خاتمي جو مطالبو

بقايا ******* 12

پيدائش کان ويندي 15 مهينن تائين ٻارڙن کي مختلف 12 بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ جو 24 اپريل کان 30 اپريل تائين هفتو ملهايو ويندو جن ۾ هيلٿ کاتي جا آفيسر ڊاڪٽر ليڊي هيلٿ ورڪرز ويڪسينيٽر حصو وٺي رهيا آهن جيڪي گهر گهر وڃي ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا لڳائيندا هن بدين جي ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته هو صحت کاتي جي ٽيمن سان سهڪار

ڪيو وڃي هن چيو ته مليريا جي ڪيسن ۾ گهٽتائي آئي آهي پر ان جي باوجود مليريا ۾ مبتلا مريضن کي سرڪاري صحت مرڪزن تي مفت ٽيسٽون ڪري ڪين دوائون ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته بدين ۾ پوليو جي ڪيسن ۾ گهٽتائي اچي چڪي پر ڪراچي کان آيل ٻارڙي جو ڪاڪوس ڳنڍن ۾ شامل ٿيڻ ڪري جڙا پاڻي سان ملڻ ڪري ٽيسٽون پازيٽو آيون آهن جنهن ڪري پوليو جو سلسلو جاري آهي هن چيو ته ميڊيا جي ترسل سان والدين کي اپيل آهي ته هو پنهنجي معصوم ٻارڙن کي 12 مختلف بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ان موقع تي اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شهزاد ملاح ۽ ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو پڻ موجود هئا

بقايا ******* 13

ٻاران 7 ڏينهن جي پوليو مهم جو آغاز ڪيو ويو، پوليو مهم دوران جاڳرتا ريلي پڻ ڪڍي وئي انهي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو منور عباس سومرو سول اسپتال مَڪلي پهچي ٻارڙن کي پوليو جا قطرا پياري مهم جو آغاز ڪيو. جاڳرتا ريلي ۾ ڊي سي ٺٽو منور عباس سومرو، ڊي ايڇ او ٺٽو ڊاڪٽر صَفدر شاه اميرخاني، ڊاڪٽرز، پيراميڊيڪل عملو ۽ ٻين شرڪت ڪئي مهم دوران ضلعي 5 سالن کان گهٽ عمرجي 2 لک 36 هزار ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويندا. انهي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو منور عباس سرمرو جو چوڻ هو ته پوليو جي وائرس کان ٻارن کي پاڪ رکڻو آهي، والدين کي گهرجي ته ذميداري جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ٻارڙن جو خيال رکن ۽ پوليو ٽيمن سان سهڪار ڪيو وڃي.

بقايا ******* 14

ڪيل قبضي واري جڳهه تي ٻيهر ڪم شروع ڪرايڻ واري عمل جي مذمت ڪيي وڃي ياد رهي ته 6 مهينا ٻهريان اڌ رات جو هيوي مشينري جي مدد سان هڪ قبضا مافيا گروپ ٻاران ڪاليج جي ٻهاڙي کي 30 فوٽ تروڙي قبضو ڪيو ويو هو استادن ۽ شاگردن جي ڀرپور احتجاج تي ڊي سي صاحب اهو ڪم بند ڪرايو هو ۽ قبضي واري جڳهه کي سيل ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ ڪاليج جي پرنسپالن جي ڊمانڊ تي ڊيمارڪيشن وارو عمل شروع ٿيو هو پر ان رپورٽ ۾ به فوٽن ۽ ايريا کي ظاهر نه ڪيو ويو آهي پر ان جي باوجود بغيرڪنهن اطلاع جي بلڊر ٻيهر اعتراض واري جڳهه تي ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو آهي جڏهن ته ان وٽ جيڪي ڪوڙا ڪاغذ آهن انهن ۾ به 30 فوٽ ايراضي شامل ڪو نه آهي ان ڪري اسان ڪمشنر سکر ڊي سي سکر ۽ وس وارن کان اها اپيل ٿا ڪيون ته فوري طور تي اهو ڪم بند ڪرايو وڃي ۽ ان معاملي تي ڪاليج جي پرنسپالن کي ڪورٽ جو در کڙڪائڻ کپي سهلا يونٽ پوري سکر شهر جي سول سوسائٽي ۽ اسلاميا ڪاليج بچايو ڪاميٽي کي به اپيل ٿي ڪري ته هو ٻهريان جيان پنهنجو ڪ

بقايا ******* 15

داخل تفصيل موجب ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ جنرل ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ سميت ڊائريڪٽر سکر محمد اقبال لغاري جي خاص هدايت تي سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم تحت ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس خيرپور سرڪل جي هڪ ٽيم اي ٽي او خيرپور نعيم گهوٽو ۽ انچارج ڪرائيم سرڪل خيرپور دلاور شيخ جي نگراني ۾ خفيه اطلاع تي ڪارروائي دوران ٿالي عرفان علي ميتلو کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان 5 عدد شراب جون بوتلون هٿ ڪرڻ بعد جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي ان حوالي سان واسطيدار اختيارين جو چوڻ هو ته ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪو ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ جنرل ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ جي خاص هدايت تي سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ جي عزم تحت ڪارروائيون جاري آهن جيستائين منشيات جوخاتمو نٿا ٿئي ڇڏيون تيستائين ڪارروائيون جاري رهنديون.

بقايا ******* 16

حاجاڻو ۽ 16 ڄڻا گرفتار سميت 40 ڄڻن تي اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل، مون ۽ منهنجي پارٽي جي چيئرمين رياض چانڊيو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ضمير حاجاڻو تفصيل موجب گلشن حديد لڳ هڪ ڏينهن اڳ نيو ملير هائوسنگ اسڪيم جي سيڪٽر 18 کي خالي ڪرائڻ لاءِ پوليس، روينيو اينٽي انڪروچمنٽ، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي طرفان چڙهائي دوران سخت مزاحمت ۽ ڇڪرين سبب ايم ڊي اي جي ايڪسيئن سيد عارف سميت ڪجهه ملازم زخمي ٿي پيا هئا ان حوالي سان گذريل ڏينهن ايم ڊي اي جي ايڪسيئن ذيشان حسين جي فرياد تي اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي دهشتگردن ايڪٽ تحت حملي، ٻچ ڊاهه ڪرڻ ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ ۽ جان سان مارڻ جي ڪوشش جا ڏلم هٽي جئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو ڪراچي ڊويزن جي صدر ضمير حاجاڻو ۽ پوليس طرفان گرفتار 16 ڄڻن سميت 40 ڄڻن عطا الله مگسي، اعجاز مگسي، سڄڻ چٺو، ذيشان مگسي، عبدالرحمان پتافي، شمن پتافي، گل حسن سولنگي، ارشاد ڪوسو، دلشاد بليدي کي نامزد ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي جي نيو ملير هائوسنگ اسڪيم ۾ 2022 ۾ بارش متاثرين لاءِ عارضي طور ٽينٽ سٽي قائم ڪيو ويو هو ٽينٽ سٽي ۾ منع ڪرڻ جي باوجود اڏاوتون ڪيون ويون هيون جن کي ڊاهڻ لاءِ چڙهائي ڪئي ته حملو ڪيو ويو حملي ۾ ايم ڊي اي جا آفيسر زخمي ٿي پيا سرڪاري گاڏين کي نقصان پهچايو ويو پٽي طرف 24 نامزد ماڻهن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ان سلسلي ۾ ضميرحاجاڻو چيو ته مون ۽ منهنجي پارٽي چيئرمين رياض چانڊيو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا ******* 17

جو استعمال هڪ لعنت آهي ان جي روڪٿام لاءِ اسان سڀني کي گڏيل ڪوششون ڪرڻ گهرجن. هن وڌيڪ چيو ته ايچ آءِ وي ايڊس جي روڪٿام لاءِ آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي آگاهي ڏني وڃي ته ماڻهو حجام کان شيو ڪرائڻ ۽ علاج دوران نئين بليڊ ۽ نئين سرج جو استعمال ڪن. چيو ته ايچ آءِ وي وائرس گهڻو ڪري انهن شين ذريعي پکڙجي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ سماجي تنظيم برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن ۽ زندگي ٽرسٽ اسلام آباد جي نمائندن سان ايچ آءِ وي وائرس جي روڪٿام بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس کي ڊپٽي ڪمشنرسانگهڙ ٻڌايو ته سنڌ حڪومت گڏيل قومن جي اداري جي سهڪار سان ايچ آءِ وي وائرس جي روڪٿام لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ان کان علاوه سول اسپتالن ۾ ايچ آءِ وي ٽيسٽنگ ۽ ڪائونسلنگ جون خدمتون پڻ فراهم ڪيون پيون وڃن. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنرز، برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن جو علي شير ڏاهري، مختلف کاتن جا آفيسر ۽ سينيئر صحافي اسلم ميمڻ پڻ موجود هئا.

بقايا ******* 18

ڇڏيو، تحفظ جي گهر، خبرموجب ٺارو شاه جي رهواسڻ ٻن ٻارن جي ماءُ نسيم ڪلهوڙو منصور علي ڪلهوڙو سان عدالت ۾ پيار جو پرائو ڪري ڇڏيو ميڊيا اڳيان پريمي نسيم ڪلهوڙو ڏانهون ڪندي چيو ته اڳوڻي مڙس نبي بخش ڪلهوڙو زياتي 8 مهينا اڳ خلاڏني هئي جنهن بعد عدت پوري ڪري منصورعلي ڪلهوڙو سان پسند جي شادي عدالت ۾ ڪئي آهي ته اڳوڻو مڙس نبي بخش ۽ منهنجو ڀي اشرف، ڀاءُ گلشير، سوٽ شاهد، مامو رحمت الله عرف شمشاد چاچو قابل اربيلو ورياءِ ڪلهوڙو اسان ٻنهي جي جان جا دشمن ٿي ويا آهن موت مار ڌمڪيون ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ حيراسمنٽ ڪن پيا جن مان اسان جي زندگي کي خطرو آهي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد ۽ وس وارا تحفظ ڏين اسان کي انهن مان جان کي خطرو آهي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي؟

بقايا ******* 19

جي اڳواڻي ۾ پارٽي جي باني اڳواڻ عمران خان جي آزادي لاءِ پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي

مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ جي باني کي بلاجواز ڪوڙن ڪيسن ۾ ڄاڻائي بند ڪيو ويو آهي، قيدي نمبر 804 ملڪ جي عوام جو مقبول ترين ليڊر آهي ڪيس فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. موجوده حڪومت عوام جو مينڊينٽ چورائي فارم 47 تحت آئي آهي حڪومت کي عوام جي مينڊينٽ چوري ڪرڻ جو ڪوئي اختيار ناهي. فارم 45 تحت پي ٽي آئي سڄي ملڪ مان ڳري اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي آهي پي ٽي آءِ جي باني کي آزاد ڪرڻ سان گڏ پي ٽي آءِ جي گرفتار ڪارڪنن کي پڻ آزاد ڪيو وڃي.

بقايا ******* 20

ڪري ويا آهن هنن مطالبو ڪيو ته چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي. خبر موجب دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد غريب آباد جي بوائز هاءِ اسڪول مان لکين روپين جي چوري تي جنهن واقعي خلاف اسڪول جي هيڊماسٽر غلام سرور لنڊ سميت استادن شان جمالي، احمد علي پهر، سليم ميمڻ، اسد الله رگهيو، احمد خان شاهاڻي، وشال ڪمار، اڪشي ڪمار، اختر شينو سميت ٻين استادن ۽ اسڪول جي شاگردن احتجاجي مارچ ڪري دادو پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ڌرڻو هنيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته گذريل رات اڻڄاتل چورن اسڪول جي ڪمرن ۽ آفيس مان 10 پنکا، پاڻي وارا 2 موٽر، ليپ ٽاپ، لائوڊ اسپيڪر، بيٽري سميت ٻيو سامان چوري ڪري ويا آهن جڏهن ته چوري واقعي بابت اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پوليس ڪرائيم سين ڏسڻ بعد هن وقت تائين ڪا به اڳڀرائي نه ڪئي آهي هنن چيو ته هر ڏينهن دادو جي اسڪولن ۽ درسگاهن مان چوريون ٿين پيو پر پوليس ڪو به تدارڪ نه پئي ڪري اڳ ٿي اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ آهي مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته غريب آباد هاءِ اسڪول ۾ 2 شفٽون هلندڙ آهن جنهن ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻيون جو تعداد 2 هزار کان وڌيڪ آهي هن وقت سخت سرگرمي آهي 45 کان 50 سينٽي گريڊ جي گرمي ۾ پنکا نه هجڻ ته استاد ۽ شاگرد ڪيئن تعليم حاصل ڪندا مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور چورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسڪول مان چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ته جيئن اسڪول ۾ تدريسي عمل شروع نه رڪجي سگهي.

بقايا ******* 21

ڏينهن مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ٽنڊو محمد خان جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته نصابي تعليم سان گڏوگڏ ٽيڪنيڪل تعليم ۽ سکيا پڻ ضروري آهي جنهن سان اسان جا نوجوان بهتر طريقي سان ڪارآمد شهري بڻجي نه صرف پنهنجي زندگي بهتر بڻائي سگهن ٿا پر ملڪ ۽ قوم جي خدمت پڻ ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته جديد دور جي تعليمي تقاضائن موجب هنر کي وڏي اهميت حاصل آهي ان ڪري اسان کي گهرجي ته ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن تي وڌيڪ ڌيان ڏيون. دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج جي پرنسپال الله ڏنو مهر کان ڪاليج جي باري ۾ تفصيلي بريفنگ ورتي. ان موقعي تي پرنسپال پاران ڪاليج جي ڪلاس رومز، ليبس، استاد ۽ اسٽاف کي درپيش مسئلن بابت آگاهي ڏني وئي جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر ڪيس ڪاليج کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي رپورٽ جمع ڪرائڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون ته جيئن هو اعلي اختيارين سان گڏجي ڪاليج کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪوشش ڪري. ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان پاران ضلعي ۾ تعليم، صحت ۽ ٻين مختلف کاتن جي مسلسل مانيٽرنگ سان ادارن جي ڪارڪردگي ڪافي بهتر ٿي رهي آهي.

بقايا ******* 22

جي ڏاڍ خلاف احتجاج ذريعي زمين تي قبضو ڪرڻ سميت سارين جون پوکيل ٻڄم ساڙي ۽ پٽڻ جو مبينا الزام، ڳوٺ جهنڊائي چاچڙ جي رهواسين نواب چاچڙ جانزيب چاچڙ عنايت الله چاچڙ ۽ ٻين پاران مبينا الزام هڻندي سندن چوڻ هو ته يوسي قاضي بادل مهر جو چيئرمين محمد قاسم چاچڙ شڪور چاچڙ يار محمد چاچڙ استاد غازي چاچڙ غلام شبير چاچڙ محمد سومر چاچڙ ۽ ٻين پاران پنهنجي ڏاڍ ذريعي اسان جي کاتي واري زمين مٿان قبضو ڪري اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهن ٿا هنن مبينا الزام هڻندي چيو ته ڪل رات بااثر يوسي قاضي بادل مهر جو چيئرمين هٿياربند ساٿن ڪري اسان جو پوکيل سارين جو ٻيجهو پٽي ڪري مٿان وري ساڙڻ جي دوان جو اسپري ڪرائي ڇڏيو بااثر پنهنجي ڏاڍ ذريعي اسان جي کاتي واري زمين تي قبضو ڪرڻ سميت اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيون آهي هنن چيف سردار محمد بخش خان مهر ضلعي چيئرمين سردار بنگل خان مهر ڊي سي گهوٽڪي ايس ايس پي گهوٽڪي سميت اعلي اختيارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بااثر محمد قاسم چاچڙ شڪور چاچڙ يار محمد چاچڙ استاد غازي چاچڙ غلام شبير چاچڙ محمد سومر چاچڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا ******* 23

وڌيڪ فيڊرن تي 16 کان 20 ڪلاڪ جي ڏگهي لوڊشيڊنگ سبب بجلي تي هلندڙ ڇڪيون آٽي جون مشينون، برف ڪارخانا، فلور ملز، فوٽو اسٽيٽ جي دڪاندارن سميت پورهيت ڪاروباري طبقي کي لکين روپين جو نقصان ٿيڻ لڳو آهي جڏهن ته سيپڪو انتظاميه پاران شهر جي 24 وارڊن ۾ 50 لک کان وڌيڪ شهرين ڏانهن ڊِڊيڪشن جا ڳرا بل موڪليا ويا آهن شهري اڳواڻ مجيب پنهور، شاهد ڪرل، محمد خان جمالي، واجد علي ملاح، مهراڻ چنه ۽ ٻين شهرين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي دانهيو ته گرمي ۾ واڌ شروع ٿيندي ئي سيپڪو جي لائين ميٽن. لائين سپرنٽينڊنٽن پاران خانگي ماڻهو گهرائي شهرين جا ڪنيڪشن ڪاٽا ڪري ڊي فتنگ ڪئي پئي وڃي ۽ ايس اي سيپڪو توڙي انجنيئر پاران شهر ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن ۽ ابتڙ لوڊشيڊنگ جو آزار وڌي ويو آهي شهرين دانهيو ته سيپڪو عملدارن پاران بااثر ماڻهن کي غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن لڳائي ڏنا پيا وڃن جنهن خلاف سيپڪو چيف سکر نوٽيس وٺي دادو شهر ۾ بجلي جي چوري ۽ لوڊشيڊنگ ختم ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ سيپڪو آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا ******* 24

ٻيو نينگر سخت زخمي ٿي پيو، ٽرالر ڊرائيور فرار ٿي ويو، خبرموجب: خانپور مهر ويجهو سردار ڳڙهه روڊ تي تيزرفتار ٽرالر موٽرسائيڪل مٿان چڙهي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 5 ڪلاس جو شاگرد ڪبير پٽ امام علي لنڊ ٺڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو شاگرد محمد علوي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مقامي ماڻهن خانپور مهر اسپتال پهچايو ٻڌايو پيو وڃي ٿي شاگرد لنڊ بازار جا رهواسي آهن جيڪي خانپور مهر جي خانگي اسڪول ۾ پڙهندا هئا ۽ موڪل بعد موٽرسائيڪل تي گهر وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ ٽرالر جي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ نينگر فوت ۽ ٻيو نينگر زخمي ٿي پيو، جڏهن ته ٽرالر ڊرائيور ٽرالر سميت ٺڏي تي فرار ٿي ويو.

بقايا ******* 25

ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر عبدالحميد انصاري، ايم ايس ڊاڪٽر خادم مگريو، ڊاڪٽر خالده قريشي، ڊاڪٽر ستار بلال ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جن سول اسپتال جي او پي ڊي بلاڪ کان ريلي ڪڍي جنهن ۾ هيلٿ کاتي جي ميل ۽ فيميل ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊي ايڇ او عبدالحميد انصاري خطاب ڪندي چيو ته 24 اپريل کان 30 اپريل تائين هلندڙ ڪيمپين جيڪا 12 خطرناڪ بيمارين کان پنهنجي گلڙن جهڙن پيارڙن ٻارڙن کي بچائڻ لاءِ ويڪسينيشن ڪرايو ته جيئن اهي بيمارين کان محفوظ رهن هن چيو ته گردن توڙ، ارڙي، ڪنگهه، آنڊي جو بخار، جهٽڪن جي بيماري، ڪاري ڪامڻ سميت ٻين بيمارين خلاف هلندڙ مهم ۾ انهن خطرناڪ مرضن کان پنهنجن معصوم ٻارڙن کي بچائڻ لاءِ هيلٿ کاتي جي سينٽرن تي وڃي ۽ هيلٿ کاتي جي ٽيمن سان سهڪار ڪري اسان جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجن ٻارڙن کي ويڪسن ڪرايو ته جيئن ٻارڙا خطرناڪ ۽ موذي مرضن کان بچي سگهن

بقايا ******* 26

جي حملي ۾ زال مڙس سميت 3 ڄڻا مارجي ويا، جنهن سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙيل آهي، پوليس موجب عبدالرحمان معرفاڻي ڌر جي هٿياربندن ڳوٺ دريا خان پيو تي چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي، گولين لڳڻ سبب ٻن عورتن سميت 3 ڄڻا مارجي ويا، مارجي ويلن ۾ نويد پيو سندس زال فاطمه ۽ نانا خاتون شامل، اطلاع تي پوليس پهچي ٽنهي مقتولن جا لاش ڪشائي اسپتال منتقل ڪيا، جتان ضروري ڪاروائي کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيا ويا، واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، ٻئي طرف مقتولن جي وارثن واقعي خلاف شڪارپور ۾ سکر شڪارپور روڊ تي جيل چورنگي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، مظاهرين جو چوڻ هو ته معرفاڻي برادري جي هٿياربندن زمين تي لاءِ ڪندڙ اسان جي پورهيتن مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت 3 قتل ٿيا آهن، هنن اعلي' اختيارين کان انصاف جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي رهي، پوليس جو چوڻ آهي ته عبدالرحمان معرفاڻي واري ڌر ڳوٺ تي حملو ڪيو پيا ۽ معرفاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جاري خوني تڪرار هيل تائين 10 حياتيون ڳڙڪائي چڪو آهي.

بقايا ******* 27

ڪيس داخل تفصيل موجب ٽي ڏينهن اڳ آنڊل سندراڻي ٿاڻي جي حد پوليس پڪٽ تي حملي دوران شهيد ٿي ويل پوليس اهلڪار ۽ ٽن پوليس اهلڪارن کي اغوا ڪرڻ واري معاملي تان سرڪار پاران اي ايس آئي شهزادو مهرجي فرياد تي سندراڻي گينگ جي 58 سڃاتل ۽ 31 اڻسڃاتل ڌوهارين خلاف آنڊل سندراڻي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ گهنور گوهرو، غوث بخش، پير بخش، زمان، صديق، بخت علي پهڙ، پيربخش، ميرل، راحب، علي بخش، صوبو شائق ۽ ٻين کي نامزد ڪيو ويو آهي ڪيس دهشتگردي، اغوا، قرقتل سميت سنگين نوعيت جا قلم لڳايا ويا آهن

بقايا ******* 28

ڪرڻ سان گڏ ڪين گرمي کان بچائڻ لاءِ سنڌ جي سمورن جيلن ۾ سولر پئنل لڳائي قيدين جي بيرڪن جي پنکن کي به سولر پئنل تي منتقل ڪيو ويندو، جنهن لاءِ ڪوششون جاري آهن، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو ته سنڌ جي جيلن ۾ 80 ڪلو واٽ کان وڌي 30 ڪلو واٽ جو سولر سسٽم نصب ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته ڪراچي سينٽرل، وومين ۽ لانڍهي ڪراچي جي جيلن کي سولر منتقل ڪرڻ وارو ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جيئن قيدي گرمي کان بچي سگهن. حاجي علي حسن زرداري چيو ته سکر، لاڙڪاڻو شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي جيلن کي به سولر تي منتقل ڪيو ويندو، لاڙڪاڻي ۽ سکر وومين جيل کي به سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو، جنهن جو ٽينڊر به جاري ڪيو ويو آهي، صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري چيو ته ٻئي مرحلي ۾ حيدرآباد، ميرپور خاص، بدين، سانگهڙ، خيرپور، گهوٽڪي، شڪارپور جي جيلن کي به سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو هن چيو ته قيدي عورتن ۽ ٻارڙن جي جيل ۾ لڳل مشينري ۽ ڪلاس رومز کي به سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو، جيئن قيدين کي ڪا ڏکيائي پيش اچي نه سگهي، هن چيو ته هن اڳ واري دور ۾ به جيڪي به واعدا ڪيا هئا اهي پورا ڪري ڏيکاريا ۽ هاڻي به جيڪي واعدا ڪيا آهن، انهن کي به پاءِ تڪميل تائين پهچائڻ سان گڏ منهنجي هن تڪ ۾ به عوام جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪري ترقياتي ڪمن جو جار رچائيندس جيڪو هڪ مثال رهندو.

بقايا ******* 29

چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاه طرفان غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو ۾ "نوجوانن لاءِ اعلي' تعليم جا موقعا" جي موضوع تي ليڪچر ڏنو جنهن ۾ ڪاليج جي پرنسيپال پروفيسر عبدالستار ابڙو ۽ ٻين استادن سميت تمام وڏي تعداد ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊاڪٽر اظهر علي شاه چيو ته سنڌ ۾ اعلي' تعليم حاصل ڪندڙ نوجوانن جو تمام گهٽ آهي تنهڪري ان تعداد جي واڌاري لاءِ سنڌ حڪومت طرفان هر ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ يونيورسٽي ڪيمپس قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن نوجوان شاگرد ۽ شاگردياڻيون گهر ويٺي تمام گهٽ خرچ تي معياري تعليم حاصل ڪري نه صرف پنهنجي خاندان پر پوري قوم ۽ ملڪ لاءِ ترقي ۽ خوشحالي جو سبب بڻجي سگهن. هن چيو ته انگلينڊ جي ايراضي تقريبن سنڌ جيتري آهي پر اتي هر ننڍي وڏي شهر جي نالي سان عالمي معيار جون يونيورسٽيون آهن ۽ جيڪڏهن ان مثال کي سنڌ ۾ اپنايو وڃي ته هتي يونيورسٽي آف نوشهرو فيروز سان گڏ يونيورسٽي آف ڪنڊيارو، يونيورسٽي آف مورو، يونيورسٽي آف دارو شاه، يونيورسٽي آف محراب پور ۽ ٻين ڪيترين ئي يونيورسٽيون هڪ ضلعي ۾ قائم ٿي سگهن ٿيون. اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي سگهندو جڏهن وڌ کان وڌ نوجوان اعلي' تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀرپاسي ۽ پنهنجي ضلعي ۾ قائم ڪيل اعلي' تعليمي ادارن ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس نوشهرو فيروز 2013 کان ڪمپيوٽر سائنس، انفرميشن ٽيڪنالاجي، بزنس ايڊمنسٽريشن ۽ انگريزي ادب جهڙن عالمي اسڪوپ رکندڙ مضمونن ۾ چار سالن جا ڊگري پروگرام مهيا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي في پڻ تمام گهٽ آهي ۽ تمام گهڻيون اسڪالر شپس پڻ ڏنيون وڃن ٿيون ته جيئن معاشري طرح پوئتي پيل خاندانن کي پڻ اعلي' تعليم جي حاصلات ٿي سگهي اهڙي طرح اهي پنهنجي خاندان وارن لاءِ مثال بڻجي سگهن. اجوڪي دور ۾ معيشت اعلي' تعليم سان جڙيل آهي تنهڪري نوجوان اعلي' تعليم حاصل ڪري پنهنجي خاندان سان گڏ ملڪ ۽ قوم جي معيشت سگهاري ڪري سگهن ٿا.

بقايا ******* 30

ڪيل جدوجهد کي 32 ڏينهن ٿي ويا، فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ، شهزاد علي ميمڻ، شبير احمد بالادي، علي اڪبر خانزادو، آصف خانزادو، عبدالرزاق سيال، آذان ميمڻ، محبوب علي بالادي ۽ ٻين چيو ته پريا ڪماري کي جلد بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا ******* 31

کي بنا جواز تنگ ڪرڻ. 2 چيف مانيٽرنگ طرفان استادن خلاف يڪ طرفا ڪاروائي ڪرڻ ۽ ايجوڪيشن جي آفيسرن کي باءِ پاس ڪرڻ. جنهن ۾ پ ٽ الف تعلقه سنجهورو صدر عبدالرحمان خاصخيلي نائب صدر عبدالله نظاماڻي جنرل سيڪريٽري مير شهاب الدين ٽالپر فنانس سيڪريٽري شبير حسين جت صاحب ۽ مبصر طور شريڪ ٿيندڙ استادن جي شراڪت غلام اڪبر مهر منورحسين محمدعلي ملڪ غلام مصطفي رسول بخش ارشاد علي معشوق علي زوهيب ۽ ٻين اسڪولن جي هيڊ ماسترصاحبان ۽ استادن جي شراڪت ڪئي. ۽ فيصلا ڪيا ويا. 1 بايو ميٽرڪ اسسٽنٽ علي نواز جت ۽ چيف مانيٽرنگ طرفان هڪ طرفاءِ تعلقه سنجهورو جي استادن خلاف ڪاروائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي سيڪريٽري ايجوڪيشن جي بالا افيسرن کان ان ڌري جانچ جو مطالبو ڪجي ٿو تعلقي سنجهورو جي استادن کي فل فور بحال ڪيو وڃي ۽ انهي ڪئي عمل جي مذمت ڪجي ٿي ٻي صورت ۾ استادن کي بحال نه ڪيو ويو سخت احتجاج ڪندي دائرو وڌايو ويندو. 2 TEO, DEO ڊائريڪٽر شهيد بينظير آباد استادن سان لا تعلقي جو ڳنڀيرتا جو اظهار ڪريٿي ۽ مطالبو ٿي ڪري ته معاملي جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي. 3 بايوميٽرڪ جا SOPS ظاهر ڪيا وڃن ۽ هرهڪ اسڪول جي هيڊ ماستر صاحبان جي حوالي ڪيا وڃن. 4 پ ٽ الف تعلقه سنجهورو مطالبو ٿوڪري ته جيڪي اسسٽنٽ بايوميٽرڪ اسڪولن ۾ اچي استادن سان بدتميزي غير ذميوار نه رويو اختيار ڪن ٿا انهن جي اسڪولن ۾ اچڻ تي پابندي لڳائي وڃي. 5 پ ٽ الف تعلقه سنجهورو پ ٽ الف ضلعي سانگهڙ کي گذارش ٿي ڪري ته انهي سنجيده معاملي تي پ ٽ الف تعلقه سنجهورو سان تعاون ڪري.

بقايا ******* 32

نعريبازي، عمران خان کي فوري طور آزاد ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب اڳوڻي وزيراعظم

پاڪستان عمران خان جي فوري آزادي لاءِ ميرپور ماٿيلو ۾ پي ٽي آءِ ميرپور ماٿيلو پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب کان نڪتي جيڪا پتائي چوڪ تي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي. ان موقعي تي عمران خان جي ڪلار تي رقص ڪيو ويو، عمران خان جي آزادي توڙي موجوده حڪومت خلاف چتي نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن مجيب الرحمان مرڻاس عبدالستار سمون عبدالعزيز جتوئي عبدالقيوم گڏائي علي اڪبر لغاري ۽ ٻين چيو ته عمران خان کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، هنن وڌيڪ چيو ته موجوده حڪومت عوام کي ريليف ڏيڻ بدران پنهنجا ٻب ڀرڻ ۾ پورا آهن، ۽ ڏينهون ڏينهن مهانگائي عروج تي پهچي رهي آهي، هنن چيو ته ملڪ بحران ۾ وڪوڙجي چڪو آهي عمران خان ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو هنن عمران خان کي فوري طور آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي...

بقايا ******* 33

رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي گڏيل سهڪار سان ڊسٽرڪٽ آفيس گهوٽڪي ۾ مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ صحت کاتي، PPHI، پاپوليشن کاتي جي ملازمن، ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻين، نرسن سميت ضلعي جي مختلف اسپتالن جي ملازمن سان گڏ مليريا کاتي جي ملازمن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ڊپٽي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر عرفان علي چاچڙ سرسو جو ڊسٽرڪٽ مينيجر عاشق علي ڪلوڙ هيلٿ ايجوڪيشن آفيسر جاويد احمد عباسي سوشل موبلائيزر VBD عبدلوهاب سومرو مانيٽرنگ آفيسر VBD قمر زمان ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر سرسو فريدان پٺاڻ طاهر حسين سميجو حاجي جلباڻي مليريا سپروائيزر عبدالرحيم گڏائي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ آفيسر پي پي ايڇ آءِ وسيم احمد ڊسٽرڪٽ سهلاءِ چيمن آفيسر نسيم احمد سومرو جن شرڪت ڪئي هر سال پاڪستان ۾ 4 لک ماڻهن کي مليريا ٿئي ٿي، سموري سنڌ جيان ضلعي گهوٽڪي ۾ به مليريا جي بيماري عام آهي، تنهنڪري هن بيماري کان بچاءَ لاءِ عوام کي مڇردانين جو استعمال ڪري مڇر مار دوائون استعمال ڪرڻ گهرجن. هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران سرسو سان گڏجي گهوٽڪي سميت سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ مڇردانيون ڏنيون آهن ته جيئن ڳوٺاڻا مليريا کان بچي سگهن مليريا کان بچڻ لاءِ صفائي جو خاص خيال رکڻ سان گڏ احتياط ضروري آهي. پنهنجي گهر ۽ پاڙي کي صاف سٿرو رکڻ سان مليريا جو خاتمو اچي سگهجي ٿو هنن چيو ته حڪومت مليريا جي خاتمي لاءِ ڪاراٿتا قدم کنيا آهن پر شهرين ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪري مليريا جي خاتمي لاءِ سهڪار ڪرڻ سان ئي مليريا جو خاتمو ممڪن آهي. آخر ۾ هڪ واڪ پڻ ڪيو وئي جنهن ۾ PPHI جي افيسرن، پاپوليشن کاتي، سول اسپتال جي ملازمن، پيراميڊيڪل اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، PPHI جي BHUS بي ايڇ يوءِ ڊسپينسرين ۾ به صحت کاتي ۽ NRSP جي تعاون سان مليريا جون ٽيسٽون ۽ علاج جون سهولتون مفت موجود آهن، عوام کي گهرجي ته انهن مان فائدو حاصل ڪري.

بقايا ******* 34

گجر، باغي ماجد ذوالفقار ترباڻ ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته موجوده حڪومت ناڪام ٿي چڪي آهي هنن چيو ته حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ رڳو مهانگائي وڌائي ٽيڪس لڳائڻ ۾ مصروف آهي هنن مطالبو ڪيو ته عمران خان کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ بشيرا بي بي کي زهر ڏيندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هنن چيو ته سيليڪٽيڊ اليڪشن کي قبول نٿا ڪريون

بقايا ******* 35

تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ سجاڳ فورم جي چيئرمين عبدالمجيد عباسي انڊس پبلڪ سوشل فورم ۾ شموليت جو اعلان ڪرڻ بعد آجيائو ڏيندي چيو ته مان سردار عبدالستار ڪيريو سميت آيل سمورن مهمانن جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي سڏ کي مان ڏئي شرڪت ڪئي آهي هن اهو به چيو ته اڄ کان پوءِ منهنجي سجاڳ انڊس پبلڪ سوشل فورم هوندي ۽ منهنجو قائد ۽ وڏو سردار عبدالستار ڪيريو هوندو تقريب جي مهمان خاص سردار عبدالستار ڪيريو خطاب ڪندي چيو ته سڀ کان پهرين ته اسين عبدالمجيد عباسي کي انڊس فورم ۾ شموليت تي ڀليڪار ڪيون ٿا ۽ ڪيس اها پڪ ٿا ڏياريون ته انڊس جو پليٽ فارم صرف ڪيريا برادري جي لاءِ ناهي بلڪه هر قوم ۽ برادري جي ماڻهن لاءِ آهي ان ڪري اوهان عباسي برادري کي به ساڳيو مان ملندو هن چيو ته اسان جو تعلق توڙي جو پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي پر انڊس پبلڪ سوشل فورم نج سماجي تنظيم آهي سردار عبدالستار ڪيريو تقريب ۾ ويٺلن کي دعوت ڏني ته هو اسان جي فورم ۾ شموليت ڪن ۽ هڪ پيرو انڊس جي پليٽ فارم کي آزمائين ان شاءَ الله اوهان جي اعتماد تي پورو لهنداسين ان موقعي تي محمد بجل ڪيريو، شوڪت حسين ڪيريو سيد احسان علي شاه نثار احمد ڪيريو، علي شير ڪيريو، نويد ولي ڪيريو، محمد حسين ڪيريو، شوڪت حسين ڪيريو، پير محمد ڪيريو ۽ امتياز علي ڪيريو سميت ڪيترين ئي شخصيتن شريڪ هيون جن پنهنجن خيالن جو اظهار پڻ ڪيو

بقايا ******* 36

سان گڏجي عورت غنوي' سان گهر اندر گهڙي زبردستي [illegible]

# شهدادپور ۾ ماءُ ۽ مامن ڌيءَ وڪرو ڪري ڇڏي

## مڙس جو زال تي وحشياڻو تشدد، ناري نڪري پيءُ وٽ پهچي وئي

### ماءُ ۽ مامن خلاف ڪارروائي ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي : ناري

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ۾ ماءُ ۽ مامن ڌيءَ وڪرو ڪري ڇڏي، مڙس جو زال تي وحشياڻو تشدد، ناري نڪري پيءُ وٽ پهچي وئي مڙس پاران قيد ڪيل نوجوان ناري فوزيه قيد مان ڀڄي پنهنجي پيءُ وٽ پهچي وئي پيءُ وٽ پهچڻ بعد ميڊيا آڏو دانهندي فوزيه شيخ الزام هنيو آهي ته منهنجي ماءُ خاني شيخ ۽ منهنجي مامن عجيب ۽ جاويد شيخ پئسن عيوض منهنجي شادي زبردستي نالي بختور شيخ سان ڪرائي هئي جيڪو هر روز غلط ڪم جو چرندو هو جيڪو نه ڪرڻ سبب هر روز سخت تشدد ڪندو هو آئون رات دير سان پنهنجي مڙس جي قيد خاني گهران ڀڄي پنهنجي والد خانو شيخ وٽ پهتي آهيان منهنجي وس وارن ۽ اعلي' اختيارن کان اپيل آهي ته منهنجي ماءُ خاني شيخ مامن عجيب ۽ جاويد شيخ خلاف ڪارروائي ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي.

# ڪي اين شاهه ۾ مبينا قاتلاڻي حملي خلاف احتجاج

## ضلعي جي نائب صدر امتياز عمراڻي، تعلقي دادو جي صدر سجاد پنهور ۽ ٻين احتجاج ڪيو

### جوابدار اياز پهڙ، وحيد پهڙ، امتياز عرف خان پهڙ کي جلد گرفتار ڪري قانون تحت سزا ڏني وڃي : مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) ايس يو پي ضلعي دادو جي جنرل سيڪريٽري نظير احمد پهڙ مٿان 2 ڏينهن اڳ ڪي اين شاهه ۾ مبينا قاتلاڻي حملي خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان ايس يو پي جي اڳواڻن دادو ضلعي جي نائب صدر امتياز عمراڻي، تعلقي دادو جي صدر سجاد پنهور، نائب صدر بابر ٿهيم، جنرل سيڪريٽري فهير چنه، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري منتار پهڙ، ثناالله هنگورو، اسد سولنگي، زوهيب ملاح ۽ ٻين ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪري گهر ڪئي ته ايس يو پي اڳواڻ نظير احمد پهڙ تي ٿيل حملي جا جوابدار اياز پهڙ، وحيد پهڙ، امتياز عرف خان پهڙ کي جلد گرفتار ڪري قانون تحت سزا ڏني وڃي.

******

# دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پاران احتجاج

## تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان آزاد ڪيو وڃي : مظاهرين

### عمران خان ۽ سندس وني بشريٰ بي بي کي آزاد ڪري انهن تان ڪيس ختم ڪيا وڃن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي دادو جي اڳواڻن حيدر سيال، ظهير چانڊيو رياض پهڙ، ڪاشف پهڙ، سليم پنهور، ڪنڌر گوپانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري گهر ڪئي وئي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني چيئرمين عمران خان ۽ سندس وني بشريٰ بي بي کي آزاد ڪري انهن تان ڪيس ختم ڪيا وڃن.

# دادو ۾ غلط انجيڪشن لڳڻ سبب معصوم نينگر فوت

## پاٽ شريف جي رهواسي معصوم نينگر فيصل پٽ خالد منگي کي علاج لاءِ اسپتال آندو ويو

### ڊاڪٽر محمد نواز ڪوڪر پاران معصوم نينگر کي انجيڪشن لڳائي وئي ته هو تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو : وارث

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر هڪ خانگي ڪلينڪ تي ڊاڪٽر پاران مبينا طور تي غلط انجيڪشن لڳڻ سبب معصوم نينگر فوت پاٽ شريف جي رهواسي معصوم نينگر فيصل پٽ خالد منگي کي علاج لاءِ اسپتال آندو ويو ڊاڪٽر محمد نواز ڪوڪر پاران معصوم نينگر کي انجيڪشن لڳائي وئي ته هو تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو والد جو چوڻ هو ته معصوم نينگر کي دست هيا جنهن کي ڊاڪٽر نواز ڪوڪر وٽ کڻي آياسين جنهن انجيڪشن ڪئي جنهن سبب معصوم نينگر فوت ٿيو آهي والد معصوم نينگر جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال آندو معصوم جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

******

# نوشهروفيروز رجسٽرڊ ڪلبن جي گڏجاڻي

## اجلاس ۾ رفيق احمد خانزادا، عبدالغفار اڄڻ، جاويد احمد لانگاهه، محمد اسلم عالماڻي ۽ ٻين جي شرڪت

### ڪرڪيٽ کي فروغ ڏيڻ لاءِ ٽورنامينٽ ڪرائڻ، ميدانن جا ميدان ٺهرائڻ ۽ حالت بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنداسين : اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ نوشهروفيروز رجسٽرڊ ڪلبن جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ رجسٽرڊ ڪلبن جي نمائندن شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ عارضي طور تي هڪ [illegible] ۽ پليئنگ رائيٽس جي لاءِ مڪمل اختيار ڏنا ويندا اڄ جي اجلاس ۾ هيٺ ڏنل ڪميٽي جوڙي وئي سرپرست اعلا عبدالغفار اڄڻ چيئرمين ورڪنگ ڪميٽي عبدالمجيد خانزادا ميمبر ورڪنگ [illegible]

[illegible]

بقايا ******* 39

ڪرڻ سان گڏ ڪين گرمي کان بچائڻ لاءِ سنڌ جي سمورن جيلن ۾ سولر پئنل لڳائي [illegible]

بقايا ******* 37

[illegible]

بقايا ******* 38

[illegible]

روزاني سنڌيار جي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي

Reg No 2677

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار جي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر ۾ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com